ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 05 آگسٽ 2026ع 21 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپهه شمارو (350)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 5th August 2026

قومن جي سڃاڻپ سان هٿ چراند نه ڪريو، صوبا ڪيڪ ناهن جو ڀڃي ڪٽي ڇڏيندئو: مولانا فضل الرحمان

پاڪستان خاص طور بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ حڪومتي رٽ موجود ناهي ۽ حالتون ايتريون خراب آهن جو ماڻهو پنهنجي ئي علائقن ۾ محفوظ ناهن: جمعيت علماءِ اسلام (ف) جو سربراهه

طاقت جي زور تي مسئلا ڪڏهن به حل نٿا ٿي سگهن، پارليامينٽ جي اهميت ختم ٿي چڪي آهي ۽ سمورن مسئلن جو حل آئين ۾ موجود آهي، ملڪ کي آئين موجب هلائڻ گهرجي

دنيا ۾ ڪيترائي نظام ناڪام ٿي چڪا آهن، جمهوريت ۽ آمريت ٻنهي کي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو، جڏهن ته پاڪستان ۾ سياستدانن کي مناسب موقعو ئي نه ڏنو ويو

جي يو آءِ 26هين آئيني ترميم تي حڪومت سان ڳالهيون ڪيون هيون، 28هين ترميم بابت في الحال ڪا ڄاڻ ناهي ته ان ۾ ڇا آندو ويندو، ٽرمپ سان في الحال ڳالهيون نه پيا ڪريون

جيڪڏهن محسن نقوي سمجهي ٿو ته نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ته پوءِ هو استعيفيٰ ڇو نٿو ڏيئي، مارشل لا جي دور ۾ آئين کي نقصان پهچايو ويو، اها تاريخ ٻيهر نه ورجائي وڃي

نوجوانن جا پنهنجا جذبا هوندا آهن، پر نوان چهرا فلمي اصطلاح آهن، سياست جو نه، ڊاڪٽر مالڪ بلوچ سان ملاقات ٿي آهي، پر خبر ناهي ته هو وزيراعليٰ ٿيڻ جي رهبر آهي يا نه: جي يو آءِ ف جو سربراهه

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پاڪستان خاص طور بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ حڪومتي رٽ موجود ناهي ۽ حالتون ايتريون خراب آهن جو ماڻهو پنهنجي ئي علائقن ۾ محفوظ ناهن. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته ملڪ ۾ هلندڙ سموري صورتحال کان هو واقف آهن، جڏهن ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آبنائي هرمز کولڻ جون اميدون: تيل اگهن ۾ وڏي گهٽتائي، تيل جي في بيرل قيمت 80 ڊالرن کان هيٺ اچي وئي

عالمي سطح تي اهم سمجهيا ويندڙ ’برنٽ‘ (Brent) ۽ آمريڪي ’ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ‘ (WTI) خام تيل جون قيمتون 13 جولاءِ کان پوءِ پنهنجي گهٽ ترين سطح تي لهي آيون آهن

تقريبن 5 سيڪڙو گهٽتائي ڪانپوءِ ڪچي تيل جي قيمت 80 ڊالر في بيرل کان هيٺ اچي وئي، جيڪا 76 ڊالر في بيرل تي اچي پهتي، هرمز وارو سامونڊي رستو جلد بحال ٿي ويندو: آمريڪي عملدار

آمريڪي اختيارين ايران سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي جي دعويٰ ڪئي، پر امڪاني معاهدي جا تفصيل اڃا تائين ظاهر نه ڪيا ويا ۽ ايران ان معاملي تي ڪو به سرڪاري اعلان نه ڪيو

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جون ڪيتريون ئي ڪوششون ناڪام ويون، نتيجي ۾ عالمي تيل جي مارڪيٽ ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ٿي ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب ڪچي تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ بابت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري ڳالهين ۾ اڳڀرائي جي خبرن ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جون قيمتون گذريل ٽن هفتن جي گهٽ ترين سطح تي اچي ويون آهن. بين الاقوامي خبرن جي ادارن موجب، عالمي سطح تي اهم سمجهيا ويندڙ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پ پ جي مضبوط ٽڪن ۾ ڇوٽلن نڪراري بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: شيري رحمان

مظفر آباد جي ٽڪ ايل اي 27 ۾ سرڪاري چونڊ عملي جي تنهي ڳهر ۾ موجودگيءَ جا اطلاع ڳڻتيءَ جوڳا آهن

آزاد ڪشمير جو چيف اليڪشن ڪمشنر فوري نوٽيس وٺي آزادانه ۽ شفاف چونڊ يقيني بڻائي: پ پ جي نائب صدر

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

محسن نقوي جي الزامن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ جو وزيراعظم کان اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو مطالبو

ملڪ جهڙين حالتن ۾ دنيا جي هر جمهوريت ۾ وزيراعظم فوري طور اسيمبلي مان اعتماد جو ووٽ وٺندو آهي: بئرسٽر گوهر

وزيراعظم ان جو جواب ڏيڻ يا اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ته ان جو مطلب آهي ته نظام عملي طور ڊهي چڪو آهي

موجوده صورتحال ۾ اصل مسئلو اهو آهي ته جنهن بنياد تي حڪومت قائم ٿيل هئي اهو ئي ڪمزور ٿي چڪو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

الزام براءِ الزام ۽ بنا ثبوت الزامن جي ڪا حيثيت نه آهي، عوام چڱي طرح ڄاڻي ٿي ته تعمير ۽ ترقي ڪنهن ڪئي: وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بئرسٽر گوهر تازي سياسي صورتحال تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته وزيراعظم پنهنجي آئيني، قانوني ۽ جمهوري حيثيت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لاهور: چهلم امام حسين جو مرڪزي جلوس پنهنجي مقرر رستن تان گذري رهيو آهي

وفاقي حڪومت پاران ظل هما کي آءِ ٽي اين اي جي نئين چيئرپرسن مقرر ڪرڻ جي منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عدالت پيتو وڻڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ بابت داخل درخواست اڪلائي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لاهور: چهلم امام حسين جي جلوس ۾ هڪ ٻارڙي شريڪ آهي

ڪي پي ڪي ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون، ڪيترائي خوارجي دهشتگرد مارجي ويا

لڪي مروت ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جا ٺڪاڻا تباهه ڪيا

سيڪيورٽي فورسز ڪي پي ڪي ۾ پائيدار امن ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکندا اچن

اسلام آباد (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جون ڪي پي ڪي ۾ عزم استحڪام ويزن تحت انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون جاري آهن. فورسز لڪي مروت ۾ ڪيترن ئي خوارجين کي ماري ڇڏيو. سيڪيورٽي ذريعن موجب لڪي مروت ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز خوارجين جي ڪيترن ئي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ ڪڻڪ صورتحال بابت اهم اجلاس

مخدوم محبوب الزمان سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ذخيرن، طلب ۽ رسد، اٽي قيمتن بابت بريفنگ ڏني

سنڌ حڪومت ڪڻڪ ذخيره اندوزي روڪڻ ۽ اٽي قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ قدم کڻي پئي: مخدوم محبوب الزمان

ڪڻڪ بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ گڏيل ۽ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ ڪڻڪ جي صورتحال بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي خوراڪ واري صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پنجاب، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جي چيف سيڪريٽرين، پرڏيهي معاملن واري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عورت وڪيلن جي چيف جسٽس آف پاڪستان سان ملاقات

ملڪ جي سمورين عدالتن ۾ ويمن فيسليٽيشن سينٽرز قائم ڪيا ويندا: چيف جسٽس

ويمن فيسليٽيشن سينٽرز ۾ ثالثي ۽ تڪرارن جي متبادل حل جون سهولتون موجود هونديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڪراچي بار جي عورت وڪيلن جي نمائندن چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ اي وي ٽيڪسي شروع ڪرڻ ۽ ڪراچي لاءِ 50 نيون ڊبل ڊيڪر بسون آڻڻ جو فيصلو

هلندڙ سال جي آخر کان مرحليوار ڏيڍ هزار اليڪٽرڪ بسون عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو

لاڙڪاڻي کان قمبر ۽ قمبر کان شهدادڪوٽ تائين پيپلز بس سروس جا نوان روٽ پڻ جلد شروع ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي

ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جا سڀئي ڊيپو مقرر ڪيل ٽائيم لائين موجب جلد کان جلد مڪمل ڪيا وڃن: شرجيل انعام ميمڻ

يونيورسٽي روڊ تي مڪسڊ ٽريفڪ لائين جو هڪ حصو سيپٽمبر ۾ عوام لاءِ کولڻ سان ٽريفڪ جي روانگي ۾ واضح بهتري ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي ۾ عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪندي سيپٽمبر کان اي وي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ، آڪٽوبر ۾ 50 نيون ڊبل ڊيڪر بسون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران نيشنل پوليس بيورو جو دورو، هڪجهڙي ۽ آن لائن پوليس ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ جي اصولي منظوري

شهري هاڻ گهر ويٺي نيشنل پوليس بيورو پورٽل ذريعي آسانيءَ سان پنهنجو ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهندا

هڪجهڙي ۽ آن لائن نظام سان خاص ڪري پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کي شديد درپيش ڏکيائين کان نجات ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي نيشنل پوليس بيورو جو اهم دورو ڪيو ۽ اعليٰ سطح جي اجلاس جي صدارت ڪئي. ان موقعي تي هن عوام جي سهولت لاءِ هڪ وڏو ۽ اهم فيصلو ڪندي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير پاران سي پي او جو دورو، يادگارِ شهدا تي حاضري

ضياءُ الحسن لنجار پوليس جي شهيدن جي لاءِ دعا ۽ فاتحه خواني ڪئي

سنڌ جي گهرو وزير ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو پڻ ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سينٽرل پوليس آفيس (سي پي او) جو دورو ڪندي يادگارِ شهدا

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پوليس جي شهيدن جو ڏهاڙو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

شهيدن جو ڏهاڙو 4 آگسٽ تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

وزيراعظم چئني صوبن ۾ پوليس آفيسرن ۽ شهيدن جي وارثن سان ملاقاتون ڪري تحفو ڏنا

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ پوليس جي شهيدن جو ڏهاڙو آڳاري ڏينهن 4 آگسٽ تي انتهائي عقيدت ۽ احترام

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي اسڪولن ۾ عملي جي حاضري لاءِ چهرا سڃاڻڻ واري نظام جي منظوري، شروعات 6 ضلعن کان ٿيندي

فيشل ريڪگنيشن اٽينڊنس مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن سسٽم جي پهرين مرحلي ۾ ڇهه ضلعا شامل هوندا جن ۾ سنڌ جي هر ڊويزن مان هڪ ضلعو چونڊيو ويو آهي: بريفنگ

چونڊيل ضلعن جي سمورين تدريسي ۽ غير تدريسي عملي کي اڳ ئي سسٽم ۾ رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي ۽ عملدرآمد لاءِ ضروري تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن: سردار شاهه

ايپليڪيشن آن لائن ۽ آف لائن ٻنهي طريقن سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ته جيئن محدود انٽرنيٽ ڪنيڪشن وارن علائقن ۾ به بنا

اسڪولن جي جيو-ٽيگنگ ڪئي وئي آهي سسٽم استادن ۽ ٻئي عملي جي اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت رڪارڊ ڪندو جنهن سان صحيح ۽ تبديليءَ کان پاڪ حاضري جو رڪارڊ تيار ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فيشل ريڪگنيشن اٽينڊنس مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن سسٽم (FRAMES) جي شروعات جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جيڪو تعليمي شعبي ۾ شفافيت، احتساب ۽ نگراني کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڊجيٽل گورننس جو هڪ تاريخي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي سان عورت وڪيلن جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

لڪي مروت ۾ خارجي دهشتگردن خلاف ڪارروايون، جوانن منصوبي کي ناڪام بڻايو: وفاقي وزير

خوارجين کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي جرائت ۽ پيشيوارائي صلاحيتن کي زبردست خراج تحسين ڪيو

آهي فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪي پي ڪي جي ضلعي لڪي مروت ۾ عزم استحڪام ويزن تحت ائرائتي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن دوران ڪيترن ئي خوارجين کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي جرائت ۽ پيشيوارائي صلاحيتن کي زبردست خراج تحسين ڪيو آهي. گهرو وزير پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان جي بهادر پٽن وقت سر ڪارروائي ڪندي لڪي مروت ۾ دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو ۽ خوارجين کي عبرتناڪ انجام تائين پهچايو. پوري قوم ڪي پي ڪي ۾ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابين ۽ قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي. محسن نقوي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون. هن چيو ته پوري قوم دهشتگرديءَ جي لعنت خلاف هڪ آهي ۽ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي.

اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري پاران اي پي پي جي پيشيوارائي ترقي جي عزم جو اظهار

ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان جي پيشيوارائي فروغ ۽ اداري جي ملازمن جي ڀلائي لاءِ قدم کنيا ويندا: اشفاق خليل

ملازمن جي التوا هيٺ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو ڀرپور تعاون فراهم ڪنداسين:

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل چيو آهي ته ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) جي پيشيوارائي فروغ ۽ اداري جي ملازمن جي ڀلائي جي لاءِ قدم کنيا ويندا. هن اڱاري ڏينهن اي پي پي هيڊڪوارٽرز ۾ بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي 35هين اجلاس جي صدارت ڪانپوءِ اي پي پي جي ملازمن سان ڳالهائيندي چيو ته ملازمن جي التوا هيٺ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو ڀرپور تعاون فراهم ڪنداسين. اجلاس ۾ اي پي پي جي انتظامي ۽ مالي معاملن بابت ايجنڊا آئٽمز جو جائزو ورتو ويو ۽ انهن جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ اي پي پي جي وقتي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ، پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسه عادل، ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن سعيد شيخ، سينيئر صحافي محمد نواز رضا، جوائنٽ سيڪريٽري ايڪسپينڊيچر فنانس ڊويزن اظهار احمد سميت بورڊ جي ميمبرن ۽ اي پي پي جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي جڏهن ته سينيئر سرمد علي، پنجاب يونيورسٽي جي عوامي لاڳاپن واري شعبي جي سربراهه نوشينه سليم ۽ ڊائريڪٽر جنرل انٽرنل پبلسٽي عاشق شيخ اجلاس ۾ وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيا. اي پي پي جي ملازمن بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي ايجنڊا آئٽمز جي منظوري جي عمل کي خوش اسلوبي سان مڪمل ڪرڻ تي اطلاعات واري سيڪريٽري، بورڊ جي ميمبرن ۽ اي پي پي انتظاميا جا ٿورا ادا ڪيا.

گهرو وزير پاران پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خراج تحسين پيش

چهلم جي موقعي تي سنڌ پوليس ڏينهن رات محنت ڪري سيڪيورٽي جا فرض انتهائي ذميواري سان سرانجام ڏنا: لنجار

رينجرز، ضلعي انتظاميا، ٽريفڪ پوليس، ريسڪيو ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن به سيڪيورٽي پلان تي مؤثر عملدرآمد لاءِ مڪمل سهڪار ڪيو

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار حضرت امام حسينؓ جي چهلم جي موقعي تي سڄي صوبي ۾ مجلسن ۽ جلوسن جي پرامن انعقاد ۽ خيريت سان پڄاڻي تي سنڌ پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي سندن بهترين ڪارڪردگي کي ساراهيو آهي. سنڌ جي گهرو وزير چيو ته چهلم جي موقعي تي سنڌ پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن ڏينهن رات محنت ڪري سيڪيورٽي جا فرض انتهائي ذميواري سان سرانجام ڏنا، جنهن سبب صوبي ۾ امن امان برقرار رهيو ۽ سمورا مذهبي اجتماع پرامن نموني سان مڪمل ٿيا. هن چيو ته رينجرز، ضلعي انتظاميا، ٽريفڪ پوليس، ريسڪيو ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن به سيڪيورٽي پلان تي مؤثر عملدرآمد لاءِ مڪمل سهڪار ڪيو جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ ائرائتو بڻايو. ضياءُ الحسن لنجار وڌيڪ چيو ته مجلسن، مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي رستن تي سيڪيورٽي، ٽريفڪ ۽ انتظامي معاملن کي بهتر نموني يقيني بڻايو ويو جنهن سان عزادارن کي سهولت فراهم ٿي. سنڌ جي گهرو وزير حضرت امام حسينؓ جي عزادارن ۽ شهرين جي ڀرپور سهڪار تي پڻ ٿورا مڃيندي چيو ته امن امان جي قيام ۾ عوام جو پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان تعاون قابل تعريف آهي. هن سيڪيورٽي ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ سمورن آفيسرن، اهلڪارن ۽ ٻين ادارن جي عملي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت چهلم جي موقعي تي سيڪيورٽي ۽ انتظامي معاملن جي مؤثر نگراني ۽ بروقت قدمن کي يقيني بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ چهلم حضرت امام حسينؓ جو پرامن انعقاد ممڪن بڻيو جيڪو اتحاد، گڏيل سهڪار ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪوشش جو ثمر آهي.

ڪراچي پوليس پاران شهيد اهلڪارن کي پيٽا، قربانين کي سلام پيش

شهيد اهلڪار امن، همت ۽ فرض شناسي جي علامت آهن: ڪراچي پوليس

عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، قانون جي حڪمراني ۽ امن لاءِ فرض نڀائڻ جو ورجاءُ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يوم شهداءِ پوليس جي ڏينهن جي موقعي تي ڪراچي پوليس انهن سڀني پوليس شهيدن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو جن اسان جي پياري وطن، عوام ۽ امن جي حفاظت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. پوليس شهيد اسان جي طاقت، فخر ۽ همت جي علامت آهن انهن جي قربانين جي ڪري اڄ ملڪ ۾ امن ۽ امان قائم آهي. قوم انهن بهادرن جي خدمتن ۽ قربانين کي هميشه ياد رکندي. شهيدن جا خاندان اسان لاءِ تمام گهڻو احترام جا لائق آهن. انهن جو صبر، همت ۽ عزم پوري پوليس فورس لاءِ فخر جو باعث آهي. ڪراچي پوليس پنهنجي شهيدن ۽ انهن جي خاندانن جي عزت، ڀلائي ۽ ڀلائي لاءِ پرعزم آهي ۽ هر ممڪن مدد فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. يوم شهداءِ پوليس جو ڏينهن اسان کي هن عهد جي ياد ڏياري ٿو ته اسان شهيدن جي قربانين کي هميشه زنده رکنداسين ۽ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، قانون جي حڪمراني ۽ شهر جي امن لاءِ پوري ذميواري ۽ پيشه ورانه انداز سان پنهنجا فرض ادا ڪندا رهنداسين.

پشاور زلمي جي چيئرمين جاويد آفريدي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

پشاور (اي پي پي) پشاور زلمي جي چيئرمين جاويد آفريدي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي. جاويد آفريدي سوشل ميڊيا تي پنهنجي والده جي لاڏاڻي جي خبر شيئر ڪندي قوم کان مرحومه جي مغفرت ۽ گهروارن لاءِ صبر جي دعا جي اپيل ڪئي آهي. هن چيو ته هو منهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي نعمت، منهنجو ڀروسو، منهنجو ڀروسو گهڻن بي شمار دعائن ۽ بي لوث محبت جو سرچشمو هئي. جاويد آفريدي جي والده جي لاڏاڻي جي خبر تي سماجي، سياسي حلقن ۽ راندين سان واڳيل شخصيتن طرفان تعزيت جو اظهار ڪيو پيو وڃي.

يوڪرين جي صدر آمريڪا ۾ مقرر پنهنجي سفير کي برطرف ڪري ڇڏيو

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين جي صدر ولادي مير زيلنسڪي آمريڪا ۾ مقرر يوڪرين جي سفير اولهااستيفانيشينا کي برطرف ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق يوڪرين جو سفير اولهااستيفانيشينا گذريل سال کان پنهنجون خدمتون ڏئي رهيو هو هن فيس بڪ تي جاري پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن ذاتي سببن جي بنياد تي پاڻ پنهنجي ذميوارين تان هٽ ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي هن واشنگٽن ۾ پنهنجي سفارتي خدمتن کي پنهنجي زندگي جو سڀ کان وڏو اعزاز قرار ڏنو هن چيو ته اسان آمريڪي هٿيارن جي فراهمي ۾ واڌ يقيني بڻائي ۽ اهڙي وقت ۾ به آمريڪي حمايت برقرار رکي جڏهن واشنگٽن جو سياسي ماحول اسان جي حق ۾ نه هو يوڪرين جو صدر اڃا تائين آمريڪا لاءِ نئون سفير مقرر ناهي ڪري سگهيو اها تبديلي جولاءِ ۾ يوڪرين جي صدر پاران ڪيل حڪومتي مٽاسٽا بعد سامهون آئي آهي.

ڪراچي ۾ اربعين حسيني جو مرڪزي جلوس، عزادارن جي باجماعت نماز ادا

آءِ ايس او پاران نماز ظهرين جو اهتمام، سيد امين شيرازي خطاب ڪيو

جلوس ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت، سبيلن، سروس ڪيمپن ۽ طبي سهولتن جا انتظام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اربعين حسيني 1448هه/2026ع هن سال "حب الحسين يجمعنا" (عشق حسينؑ اسان کي هڪ ڪري ٿو) جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي. چهلم شهداءِ ڪربلا جي موقعي تي نشتر پارڪ کان نڪتل مرڪزي جلوس دوران اماميه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (آءِ ايس او) جي اهتمام هيٺ ايم اي جناح روڊ تي مسجد ۽ امام بارگاهه علي رضا پرسان عزادارن لاءِ باجماعت نماز جو اهتمام ڪيو ويو. جلوس جي شرڪت ڪندڙن علامه سيد ناظر عباس تقوي جي اقتدار ۾ نماز ظهرين ادا ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي آءِ ايس او جي مرڪزي صدر سيد امين شيرازي چيو ته حضرت امام حسينؑ ۽ شهداءِ ڪربلا جي قربانين سبب قيامت تائين ظلم خلاف جدوجهد جو رستو روشن ٿي ويو آهي. هن چيو ته اڄ به محور مقاومت جي جدوجهد، حضرت امام حسينؑ ۽ حضرت زينب ڪبريٰ (س) جي جدوجهد جو تسلسل آهي. جڏهن ته رهبر معظم آيت الله سيد علي خامنه اي سميت ڪيترن ئي شهيدن شهداءِ ڪربلا جي سيرت تي عمل ڪيو آهي. هن چيو ته هاڻي جيڪي باقي آهن انهن کي حضرت امام سجادؑ ۽ حضرت زينب سلام الله عليها جي سيرت تي عمل ڪندي هن عالمي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻو پوندو. سيد امين شيرازي چيو ته هو رهبر معظم آيت الله العظميٰ سيد مجتبيٰ خامنه اي جي قيادت ۾ استعماري ۽ استڪباري طاقتن خلاف جدوجهد جاري رکندا. جيستائين اسلامي انقلاب جو جهنڊو پنهنجي حقيقي وارث حضرت امام مهدي (عج) جي هٿن تائين نه پهچي. هن پنهنجي خطاب ۾ آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت کي موجوده دور جا سڀ کان وڏا فتنا قرار ڏنو ۽ چيو ته سعودي عرب ۽ آمريڪا جو عراق تي حملو ڪنهن به صورت ۾ قبول جوڳو ناهي. هن وڌيڪ چيو ته آزاد ڪشمير جو مسئلو بردباري ۽ ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ گهرجي جڏهن ته رياستي طاقت جي بيجا استعمال سان رڳو بدامني وڌندي جنهن مان دشمن فائدو وٺندو. هن چيو ته والاريل ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ڪري ڀارت عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت صرف طاقت جي ٻولي سمجهن ٿا. ان موقعي تي آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت خلاف احتجاج ڪيو ويو ۽ انهن جا جهنڊا ساڙيا ويا. شرڪت ڪندڙن ڪيترن سالن کان جبري طور لاپتا شيعه نوجوانن جي آزادي جو مطالبو پڻ ڪيو. جلوس دوران گرمي کان بچاءَ لاءِ پاڻي جون سبيلون، ٿڌي پاڻي جو اسپري ۽ ٻين سهولتن جو انتظام ڪيو ويو جڏهن ته آءِ ايس او جي ذيلي ادارن موڪب باب العلم، آءِ بي ٽي ايم آءِ ايس ۽ اماميه اسڪائوٽ پاران پڻ سروس ڪيمپ قائم ڪيا ويا. نماز ۽ احتجاج کان پوءِ دستو اماميه پاران نوحه خواني ۽ ماتمداري پڻ ڪئي وئي.

مٽلي ۾ امام بارگاهه شعيب ابو طالب تان مرڪزي ماتمي جلوس برآمد، ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش

مٽلي (ذ-ر) ڪربلا جي شهيدن جي چهلم جي موقعي تي مٽلي ۾ به امام بارگاهه شعيب ابو طالب تان مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو ماتمي جلوس ۾ عزادارن علم پاڪ کنيا، ذوالجناح سان گڏ سينا زني ڪندي حضرت امام حسينؑ ۽ شهيدنِ ڪربلا کي پيٽا پيش ڪئي جلوس جي رستن تي مختلف هنڌن تي سبيلن نياز ۽ لنگر جو پڻ انتظام ڪيو ويو جڏهن ته پوليس طرفان سخت سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويا. ماتمي جلوس پنهنجي مقرر ڪيل رستن تان گذرندو ڪشمير چوڪ مٽلي پهتو ۽ پوءِ امام بارگاهه سيد ڪندل شاهه پهتو جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس کي خطاب ڪندي مولوي ضياءُ الحسن ڪاظمي شهيدنِ ڪربلا جي عظيم ڪردارن ۽ انهن جي قربانين تي روشني وڌي ان کان پوءِ ماتمي جلوس امام بارگاهه سيد ملوڪ شاهه پهتو جتان سڀئي ماتمي جلوس پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن روانا ٿي اختتام پذير ٿيا

گل پلازه سانحي جي جاچ آفيسر کي جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ 9 آگسٽ تائين مهلت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت گل پلازه سانحي واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر کي جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ 9 آگسٽ تائين مهلت ڏئي ڇڏي ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر اڳيرائي رپورٽ جمع ڪرائڻ لاءِ عدالت کان وڌيڪ وقت جي درخواست ڪئي. عدالت کي ٻڌايو ويو ته 6 ادارن طرفان جواب وصول ٿي چڪا آهن جڏهن ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) ۽ واٽر ڪارپوريشن سميت ٻن ادارن جا جواب اڃا تائين وصول نه ٿيا آهن عدالت جاچ آفيسر کي هدايت ڪئي ته 9 آگسٽ تائين جاچ مڪمل ڪري ايندڙ ٻڌڻي تي مڪمل جاچ رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي

قربانين کي سلام پيش ڪيو بعد ۾ سنڌ جي گهرو وزير ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر جو دورو ڪيو جتي ڪيس چهلم حضرت امام حسينؑ جي موقعي تي مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي سيڪيورٽي، نگراني ۽ مجموعي انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. سنڌ جي گهرو وزير کي مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي رستن، مجلسن، حساس هنڌن ۽ سيڪيورٽي لاءِ ڪيل انتظامن بابت آگاهه ڪيو ويو جڏهن ته هن ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر مان چهلم حضرت امام حسينؑ جي مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي سڌي ريت نگراني پڻ ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار هدايتون جاري ڪندي چيو ته چهلم حضرت امام حسينؑ جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي رستن، مجلسن ۽ حساس هنڌن تي هر صورت فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي. هن هدايت ڪئي ته جلوسن جي سيڪيورٽي ۽ نگراني لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جو ڀرپور استعمال ڪيو وڃي ۽ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر مان چهلم جي مرڪزي ۽ ٻين جلوسن جي لاڳيتي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سيڪيورٽي تي مقرر پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مڪمل الرٽ رهن ۽ فرضن جي ادائگي دوران ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي نه ڪن عزادارن کي محفوظ ۽ پُرامن ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سڀئي موجود وسيلا ڪتب آندا وڃن سنڌ جي گهرو وزير وڌيڪ هدايت ڪئي ته قانون لاڳو ڪندڙ سمورا ادارا پاڻ ۾ رابطي ۽ مؤثر هم آهنگي سان سيڪيورٽي جون ذميواريون سرانجام ڏين. جڏهن ته چهلم جي مرڪزي جلوس سميت سڀني اهم هنڌن تي سيڪيورٽي انتظامن جي سخت نگراني ڪئي وڃي. هن چيو ته سيڪيورٽي صورتحال جي لاڳيتي نگراني سان گڏ ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري ۽ مؤثر ردعمل کي يقيني بڻايو وڃي. جيئن چهلم حضرت امام حسينؑ جا سمورا پروگرام ۽ جلوس پُرامن ماحول ۾ خير خوبي سان اختتام پذير ٿين.

صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ذخيرن طلب ۽ رسد، تازي اٽي جي قيمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. مخدوم محبوب الزمان چيو ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي روڪڻ ۽ اٽي جي قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ مؤثر قدم کڻي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪڻڪ جي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ وفاق ۽ سڀني صوبن وچ ۾ گڏيل ۽ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

سڄي ملڪ لاءِ هڪجهڙي ۽ آن لائن پوليس ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ جي اصولي منظوري ڏئي ڇڏي آهي هن ٻڌايو ته هاڻي نيشنل پوليس بيورو ذريعي پوليس ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو جنهن سان ان کي حاصل ڪرڻ جو اڳوڻو پيچيده عمل ختم ٿي انتهائي تيز ۽ مڪمل طور تي آن لائن ٿي چڪو آهي. شهري هاڻ گهر ويٺي نيشنل پوليس بيورو پورٽل ذريعي آسانيءَ سان پنهنجو ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري سگهندا. گهرو وزير جو چوڻ هو ته پوليس ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ جي هڪجهڙي آن لائن نظام سان خاص ڪري پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کي شديد ذهني ڏکيائين کان نجات ملندي ۽ ان لاءِ سمورا مرحلا آسان ٿي ويندا. ان سان گڏوگڏ هن انٽرنيشنل ڊرائيونگ پرمٽ لاءِ به سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙو نظام واضح ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي ته جيئن پرڏيهه سفر ڪندڙن کي هر ممڪن سهولت ميسر اچي سگهي. محسن نقوي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته نيشنل پوليس بيورو کي هڪ جديد، فعال ۽ متحرڪ ادارو بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. دوري دوران ڊي جي نيشنل پوليس بيورو، وفاقي وزير کي اداري جي ڪارڪردگي ۽ مختلف شعبن تي تفصيلي بريفنگ ڏني جڏهن ته گهرو وزير بيورو جي عمارت جي رنگ روغن جي ڪم جو معائنو پڻ ڪيو. اجلاس دوران پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي جي مناسبت سان ملڪ ۾ امن امان جي قيام ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ جانيون قربان ڪندڙ سمورن پوليس شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. گهرو وزير پوليس شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته شهيد اسان جي سر جا تاج آهن ۽ اسان قيامت تائين به سندن احسان نه لاهي سگهنداسين هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پوليس شهيدن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو ۽ پوري قوم سندن خاندانن سان گڏ بيٺل آهي ۽ هميشه گڏ رهندي.

تي حاضري ڀري، چهلم حضرت امام حسينؑ جي موقعي تي ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ وڌيڪ ضروري هدايتون جاري ڪيون سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي سينٽرل پوليس آفيس (سي پي او) ڪراچي پهچڻ تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ٻين سينيئر پوليس آفيسرن...

سان ملهايو ويو ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ملڪ لاءِ حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙ عظيم سپوتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي. تفصيل مطابق دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوليس هميشه ڀرپور نموني پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون آهن پوليس اهلڪارن هميشه پنهنجون حياتيون قربان ڪري قوم جو مستقبل محفوظ ۽ روشن ڪيو آهي. فرض جي راهه ۾ حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙ پوليس جي شهيدن جي ياد ۾ سڄي ملڪ ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون پوليس جي شهيدن جي قربانين جي اعتراف ۾ صدر مملڪت، وفاقي وزيرن، فوجي آفيسرن ۽ صوبائي پوليس جي سربراهن پاران ڪين خراج عقيدت پيش ڪيو ويو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پوليس جي شهيدن جي مزارن تي سلامي...

شهيدن جي ڪٽنبن جي ڀلائي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: شزه فاطمه

دهشتگردي ۽ ڏوهن خلاف جنگ ۾ پوليس جو ڪردار تعريف جوڳو آهي: وفاقي وزير شزه فاطمه

اسان پوليس فورس کي جديد وسيلن ۽ بهترين پيشيوارائي تربيت سان ليس ڪنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته دهشتگردي ۽ ڏوهن خلاف جنگ ۾ پوليس جو ڪردار تعريف جوڳو آهي. شهيدن جي ڪٽنبن جي ڀلائي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي اڱاري ڏينهن پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي تي هن شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ چيو ته شهيد پوليس اهلڪارن وطن عزيز جي خاطر پنهنجين جانين جو نذرانو پيش ڪيو دهشتگردي ۽ ڏوهن خلاف جنگ ۾ پوليس جو ڪردار تعريف جوڳو آهي پوليس جي جانبازن هميشه بهترين جرئت جو ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته شهيدن جي بي لوث قربانين سان شهرين جو جان ۽ مال محفوظ ٿيو. پوري قوم پنهنجي غيرتمند پٽن ۽ نياڻين کي سلام پيش ڪري ٿي شهيدن جي وارثن جي فلاح ۽ بهبود حڪومت جي پهرين ترجيح آهي شزه فاطمه خواجه چيو ته پوليس فورس کي جديد وسيلن ۽ بهترين پيشيوارائي تربيت سان ليس ڪنداسين، اچو گڏجي هڪ پرامن، محفوظ ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير جو عزم ڪريون

دهشتگردي خلاف پوليس فورس جي بهادري قوم لاءِ فخر آهي: يوسف رضا گيلاني

سڄي ملڪ جي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي لازوال قربانين کي قوم هميشه ياد رکندي

مضبوط ۽ باصلاحيت پوليس فورس ئي امن انصاف ۽ قانون جي ائرائتي عملداري جي ضمانت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني وطن لاءِ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ پوليس جي شهيدن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي ۽ ڏوهن خلاف پوليس فورس جي بهادري، پيشيوارائي صلاحيت ۽ قربانيون پوري قوم لاءِ فخر جوڳيون آهن سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب پوليس جي شهيدن جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته ڪي پي ڪي، بلوچستان ۽ سڄي ملڪ جي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي لازوال قربانين کي قوم هميشه ياد رکندي پوليس جي شهيدن جي وارثن جي استقامت ۽ قربانيون قومي سرمايو آهن ساڻن مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا سينيٽ چيئرمين چيو ته مضبوط، جديد ۽ باصلاحيت پوليس فورس ئي امن انصاف ۽ قانون جي ائرائتي عملداري جي ضمانت آهي هن چيو ته قوم پنهنجي شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به نه وساريندي ۽ سندن مشن جي تڪميل لاءِ متحد رهندي

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جو چهلم امام حسينؑ جي جلوس جي رستن جو دورو

آزاد خان پاران پوليس آفيسرن کي فول پروف سيڪيورٽي ۽ ائرائتي نگراني جون هدايتون

ڊي آءِ جيز، ايس ايس پيز ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ جلوس جي رستن ۽ ٽريفڪ انتظامن جو معائنو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان حضرت امام حسين عليه السلام جي چهلم جي مرڪزي جلوس جي رستي جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي آءِ جي ايسٽ، ڊي آءِ جي سائوٿ، ڊي آءِ جي ٽريفڪ، ضلعي ايس ايس پيز ۽ ٻيا پوليس آفيسر پڻ موجود هئا ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جلوس جي سڀني رستن تي هر قيمت تي فول پروف سيڪيورٽي، ائرائتي نگراني، سرچ ۽ سوئيپنگ ۽ ٽريفڪ جي وهڪري کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته ماتمي جلوسن جي حفاظت، شهرين جي سهولت ۽ پرامن ماحول جو قيام ڪراچي پوليس جي اولين ترجيح آهي جنهن لاءِ سڀني آفيسرن ۽ جوانن کي پنهنجن فرضن کي انتهائي ذميواري ۽ پيشه ورانه انداز سان انجام ڏيڻ گهرجي

بهادرآباد ايم ڪيو ايم مرڪز جهيڙي ٻن ڏينهن بعد به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪنهن به رابطو ناهي ڪيو، ضرورت پوڻ تي سرڪار جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو: پوليس

فائرنگ واري واقعي ۾ هڪ ڄڻو زخمي، رحمان عرف پولا سميت ڪيترن ڪارڪنن جي حراست جون رپورٽون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بهادرآباد ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي عارضي مرڪز تي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۽ هوائي فائرنگ واري واقعي کي ٻه ڏينهن گذري ويا آهن پر اڃا تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي. پوليس موجب ايف آءِ آر جي داخلا لاءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪنهن به ڌر طرفان اڃا تائين رابطو نه ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته رابطو ٿيڻ شرط ڪيس داخل ڪيو ويندو جڏهن ته جيڪڏهن ڪو به ڌر اڳتي نه آيو ته سرڪار جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو. پوليس ذريعن موجب ڪيس جو مسودو تيار ڪيو ويو آهي ۽ اعليٰ پوليس اختيارين جي منظوري ملندي ئي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڄ ڪيس داخل ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن ڪانپوءِ حراست ۾ ورتل ماڻهن جي باقاعده گرفتاري ظاهر ڪئي وڃي سگهي ٿي. ذريعن موجب بهادرآباد واري واقعي ۾ مبينا طور ملوث ڪيترن ئي ماڻهن کي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي حراست ۾ ورتو ويو آهي جن ۾ ڪجهه اهم نالا پڻ شامل آهن پوليس موجب آچر تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي عارضي مرڪز ۾ هڪ ڌڙو اجلاس ڪري رهيو هو ته ٻئي ڌڙي اچي حملو ڪيو جنهن ڪانپوءِ ٻنهي ڌڙن جي ڪارڪنن وچ ۾ هٿاپائي ۽ فائرنگ ٿي. جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. فائرنگ دوران هڪ شخص هٿ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو جڏهن ته بهادرآباد جون مارڪيٽون ۽ دڪان پڻ بند ٿي ويا هئا. واقعي ڪانپوءِ بلديه سانحي واري ڪيس ۾ تازو بري ٿيل رحمان عرف پولا کي نارٿ ناظم آباد ۾ سندس گهر مان حراست ۾ ورتو ويو سندس حراست جي سي سي ٽي وي وڊيو پڻ سامهون آئي جنهن ۾ سادي لباس ۽ پوليس وردي ۾ عورت پوليس اهلڪار ڪيس پاڻ سان وٺي ويندي نظر آيا. بهرحال دير رات تائين پوليس طرفان سندس حراست بابت ڪو باضابطه بيان جاري نه ڪيو ويو واضح رهي ته بهادرآباد واري واقعي ڪانپوءِ شهر جي مختلف علائقن مان ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪيترن ئي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي پڻ حراست ۾ وٺڻ جون رپورٽون سامهون آيون آهن.

سنڌ پوليس جي شهيدن کي واپاري اتحاد پاران خراج تحسين پيش

پوليس اهلڪارن دهشتگردي ۽ بدامني خلاف جنگ ۾ لازوال قربانيون ڏنيون: آصف گلفام

شهيدن جي قربانين سبب ڪراچي سميت سنڌ ۾ امن ۽ ڪاروباري سرگرميون جاري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 4 آگسٽ سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏينهن جي موقعي تي آل ڪراچي واپاري اتحاد جي صدر آصف گلفام پاران سنڌ پوليس جي شهيد آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته سنڌ پوليس هميشه دهشتگردي، ڏوهن ۽ بدامني خلاف سڄي صوبي، خاص طور تي ڪراچي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ هميشه اول درجي جو ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌ پوليس بيشمار قربانيون ڏنيون آهن. شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ سوين آفيسرن ۽ سپاهين پنهنجون جانيون قربان ڪيون. صدر آصف گلفام وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس جا شهيد قوم جو فخر آهن. انهن جي قربانين جي ڪري اڄ ڪراچي سميت سنڌ ۾ ڪاروبار ۽ پرامن زندگي جو پيهو هلي رهيو آهي. آل ٽريڊرز الائنس شهيدن جي خاندانن سان گڏ آهي ۽ انهن جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن تعاون فراهم ڪيو ويندو. اسان شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ڪريون ٿا. اسان سنڌ پوليس جي سڀني شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا الله تعاليٰ انهن جا درجا بلند ڪري ۽ سوگوار خاندانن کي صبر عطا ڪري.

چوپائي مال جي حالت بهتر بڻائڻ ۽ اعليٰ نسلن جي واڌاري تي مڪمل اتفاق

مصنوعي ٻجاري، مصنوعي حمل، معياري سيمين، جديد فارم مئنيجمينٽ تي زور

لائيو اسٽاڪ جي شعبي کي جديد نمونن تي بيهارڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: ملڪاڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز حڪومت سنڌ محمد علي ملڪاڻي جي صدارت هيٺ هڪ اهم ترين اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ FONGROW جي اعليٰ سطح جي وفد شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پوري سنڌ اندر لائيو اسٽاڪ جي شعبي جي ترقي، جديد ترين ٽيڪنالاجي جي فروغ ۽ چوپائي مال جي پيداواري صلاحيت ۾ وڏي واڌاري لاءِ مختلف تجويزن، سائنسي قدمن ۽ باهمي سهڪار تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. هن اهم اجلاس ۾ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل (DG) سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو ۽ ڊپٽي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ محمد عمران پڻ صوبائي وزير سان گڏ شريڪ هئا. اجلاس دوران چوپائي مال جي نسل وڌائڻ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ مصنوعي ٻجاري، مصنوعي حمل، معياري سيمين جي پيداوار، جديد فارم مئنيجمينٽ ۽ ايمبريو ٽيڪنالاجي جهڙن شعبن ۾ تعاون جو جائزو ورتو ويو. شرڪت ڪندڙن صوبي ۾ چوپائي مال جي ڏڻن جي حالت بهتر بڻائڻ ۽ اعليٰ نسلن جي واڌاري لاءِ گڏيل ۽ مضبوط قدم کڻڻ تي مڪمل اتفاق ڪيو. ان موقعي تي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ لائيو اسٽاڪ جي شعبي کي روايتي طريقن مان ڪڍي جديد نمونن تي بيهارڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن واضح ڪيو ته جديد پيداواري ٽيڪنالاجيز ۽ سائنسي طريقن جو فروغ ئي هن شعبي جي بقا ۽ ترقي جو ضامن آهي. محمد علي ملڪاڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت مقامي مالوند ماڻهن جي فني ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيت وڌائڻ ۽ بهترين نسلن جي فروغ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ۽ مجموعي پيداوار ۾ واڌ لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن اجلاس جي پڄاڻي تي سنڌ جي لائيو اسٽاڪ سيڪٽر ۾ جديد تربيتي پروگرام شروع ڪرڻ، ٽيڪنالاجي جي منتقلي کي يقيني بڻائڻ ۽ FONGROW جي سهڪار سان جديد توليدي ٽيڪنالاجيز کي هنگامي بنيادن تي هٿي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

حڪومت جا پنهنجا اتحادي ئي ان جي ساک تي سوال اٿارين ۽ وزيراعظم ان جو جواب ڏيڻ يا اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ته ان جو مطلب آهي ته نظام عملي طور بيهي چڪو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيئوٽيڪ بي اعتمادي رت لاءِ هڪ مخصوص آئيني طريقيڪار ۽ گهربل انگ موجود آهي جنهن بابت اتحادين سان مشاورت ڪانپوءِ غور ڪري سگهجي ٿو پر موجوده صورتحال ۾ اصل مسئلو اهو آهي ته جنهن بنياد تي حڪومت قائم هئي اهو ئي ڪمزور ٿي چڪو آهي سندس چوڻ هو ته جن ماڻهن وزيراعظم کي ڌانڌلي زده قرار ڏنو آهي پاڻ به ان ئي عمل جو حصو رهيا آهن پر ان جي باوجود جڏهن اهڙو الزام سامهون اچي ته وزيراعظم تي لازم آهي ته هو فوري طور اعتماد جو ووٽ وٺي پنهنجي حيثيت واضح ڪري. پر سندس خاموشي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته نه رڳو حڪومت جو ڍانچو ڪمزور ٿي چڪو آهي پر وزيراعظم پاڻ به ايوان ۽ عوام جو اعتماد وڃائي ويٺو آهي.

۾ ايران ۽ عمان سان ڳالهين ۾ مثبت اڳڀرائي جو ذڪر ڪيو ويو ۽ اها اميد ظاهر ڪئي وئي ته هرمز جي لنگهه (Strait of Hormuz) ذريعي سامونڊي آمدرفت جلد بحال ٿي ويندي واشنگٽن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مارڪو روبيو تسليم ڪيو ته ڳالهين ۾ اڳڀرائي ضرور ٿي آهي جيئن ته اڃا تائين ڪنهن حتمي معاهدي تي اتفاق نه ٿي سگهيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته تمام جلد ڪنهن معاهدي کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. ان دوران آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري اسڪاٽ بيسنٽ هڪ انٽرويو ۾ چيو ته هرمز جي لنگهه (Strait of Hormuz) کي ٻيهر کولڻ بابت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪنهن معاهدي تي اڱاري يا اربع تائين پهچڻ جو امڪان آهي جيئن ته آمريڪي اختيارين ڳالهين ۾ اڳڀرائي جي دعويٰ ڪئي آهي. پر امڪاني معاهدي جا تفصيل اڃا تائين ظاهر نه ڪيا ويا آهن ۽ ايران ان معاملي تي ڪو به سرڪاري اعلان نه ڪيو آهي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جون ڪيتريون ئي ڪوششون ناڪام ويون آهن جنهن جي نتيجي ۾ عالمي تيل جي مارڪيٽ ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ٿي آهي. وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب خام تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي جنهن جو اثر سڄي دنيا ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن تي به پوندو اهو ڌيان ڏيڻ جوڳو آهي ته آبنائي هرمز کي دنيا جي انتهائي اهم توانائي جي راهدارين مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو فيبروري جي آخر ۾ شروع ٿيندڙ تڪرار کان اڳ، هتان خام تيل ۽ مائع قدرتي گيس (LNG) جي عالمي رسد جو تقريبن 20 سيڪڙو حصو لنگهندو هو.

اهتمام هيٺ قائم "ايميلي مينٽيشن ٽريبونل فار نيوز پيپر ايمپلائيز" (آءِ ٽي اين اي) جي نئين چيئرپرسن جي طور تي ظل هما جي مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن باقاعده نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي نوٽيفڪيشن موجب اها مقرري "نيوز پيپر ايمپلائيز (ڪنڊيشنز آف سروس) ايڪٽ 1973ع" جي شق 12 (اي) (2) ۽ ايم پي اسڪيلز پاليسي 2020ع تحت ڪئي وئي آهي ظل هما کي ايم پي ون اسڪيل ۾ ٽن سالن جي مدي جي لاءِ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي مقرر ڪيو ويو آهي سندس ان مقرري جو مدو باقاعده چارج سنڀالڻ جي تاريخ کان لاڳو ٿيندو

وڃائي ويٺو آهي. ڇاڪاڻ ته نه رڳو وفاقي گهرو وزير پر حڪومت جي هڪ اهم اتحادي به مقصد سنگين سوال اٿاريندي ڪيس ڌانڌلي زده قرار ڏنو آهي. جيڪو ڪنهن به جمهوري نظام ۾ انتهائي غير معمولي ۽ سنگين صورتحال هوندي آهي. هن چيو ته اهڙين حالتن ۾ دنيا جي هر جمهوريت ۾ وزيراعظم فوري طور اسيمبلي مان اعتماد جو ووٽ وٺندو آهي جيئن پنهنجي قانوني حيثيت برقرار رکي سگهي، پر هتي وزيراعظم ان بنيادي...

پوليس آفيسرن جي نالن تي پئسو وٺڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ بابت داخل درخواست هدايتن سان اڪلائي ڇڏي عدالت ڌرين کي هدايت ڪئي ته درخواستگذار کي هراسان نه ڪيو وڃي جڏهن ته درخواستگذار کي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ ۽ ٻين قانوني رليف لاءِ جسٽس آف پيس سان رجوع ڪرڻ جو چيو جسٽس نثار احمد...

جا نالا شامل ڪري سندن ساک کي نقصان پهچايو ويو آهي. وڪيل ٻڌايو ته ايس ايس پي عرفان بهادر جو نالو غلطي سان درخواست ۾ شامل ٿيو جڏهن ته هو ڊي آءِ جي ويسٽ نه پر ايس ايس پي ڪي ڊي آهي. درخواستگذار جي وڪيل پڻ عدالت کي ٻڌايو ته ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ جي جاءِ تي غلطي سان عرفان بهادر جو نالو لکجي ويو عدالت ايس ايس پي ڪي ڊي عرفان بهادر جو نالو درخواست مان خارج ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي. سرڪاري وڪيل عدالت کي يقين ڏياريو ته درخواستگذار کي هراسان نه ڪيو ويندو ۽ سڀئي سرڪاري عملدار قانون موجب پنهنجا فرض انجام ڏيندا. ان يقين دهاني جي بنياد تي عدالت درخواست اڪلائي ڇڏي عدالت چيو ته جيڪڏهن مستقبل ۾ درخواستگذار کي قانوني ڪارروائي جي ضرورت پئي ته هو لاڳاپيل قانوني فورم سان رجوع ڪري سگهي ٿو ٻئي طرف درخواستگذار نعمان موقف اختيار ڪيو ته ڪيس پوليس جي اعليٰ آفيسرن جا نالا استعمال ڪري پئسو ڏيڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي سندس وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته ڌمڪين ۽ دٻاءُ ذريعي درخواستگذار کان مجموعي طور 36 ڪروڙ رپيا کان وڌيڪ رقم وصول ڪئي وئي جڏهن ته نامزد جوابدار پوليس آفيسرن جا نالا استعمال...

تي مخصوص ٽريفڪ لائين جو هڪ حصو سيپٽمبر ۾ عوام لاءِ کوليو ويندو جيئن ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري آڻي سگهجي. ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي جا سڀئي ڊيپو مقرر ڪيل ٽائيم لائين موجب جلد کان جلد مڪمل ڪيا وڃن جڏهن ته لاڙڪاڻي کان قمبر ۽ قمبر کان شهدادڪوٽ تائين پيپلز بس سروس جا نوان روٽ به فوري طور تي فعال ڪيا وڃن. شرجيل انعام ميمڻ اجلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جي اي وي ٽيڪسي سروس جو آغاز سيپٽمبر ۾ ڪيو ويندو جڏهن ته مرحليوار وڌيڪ هڪ هزار اليڪٽرڪ بسون پڻ عوامي ٽرانسپورٽ نظام جو حصو بڻايون وينديون. هن چيو ته 50 نيون ڊبل ڊيڪر بسون آڪٽوبر ۾ ڪراچي پهچي وينديون جنهن سان شهرين کي جديد، معياري ۽ آرامده سفري سهولتون فراهم ٿينديون هن وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي روڊ تي مخصوص ٽريفڪ لائين جو هڪ حصو سيپٽمبر ۾ عوام لاءِ کولڻ سان ٽريفڪ جي وهڪري ۾ واضح بهتري ايندي. شرجيل انعام ميمڻ اهو عزم پڻ ورجايو ته سنڌ حڪومت شهرين کي جديد، محفوظ، ماحول دوست ۽ قابل اعتماد عوامي ٽرانسپورٽ جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻندي رهندي.

اقدام آهي هي نظام 17 آگسٽ 2026ع کان صوبي جي ڇهن ضلعن ۾ شروع ڪيو ويندو ۽ مرحليوار طريقي سان باقي ضلعن تائين وڌايو ويندو اهو فيصلو وزيراعليٰ هائوس ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه، چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايويلوئيشن ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي بريفنگ دوران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته FRAMES جي پهرين مرحلي ۾ ڇهه ضلعا شامل هوندا جن ۾ سنڌ جي هر ڊويزن مان هڪ ضلعو چونڊيو ويو آهي تعليم واري وزير سيد سردار شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته چونڊيل ضلعن جي سموري تدريسي ۽ غير تدريسي عملي کي اڳ ئي سسٽم ۾ رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي ۽ عملدرآمد لاءِ ضروري تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن اجلاس کي ٻڌايو ويو ته FRAMES چهرن جي سڃاڻپ تي ٻڌل هڪ حاضري ۽ نگراني وارو نظام آهي جيڪو عملي جي حاضري جي حقيقي وقت ۾ تصديق ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي هي ايپليڪيشن آن لائن ۽ آف لائن ٻنهي طريقن سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ته جيئن محدود انٽرنيٽ ڪنيڪشن وارن علائقن ۾ به بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪم کي يقيني بڻائي سگهجي اسڪولن جي جيوٽيگنگ ڪئي وئي آهي جڏهن ته سسٽم استادن ۽ ٻئي عملي جي اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت رڪارڊ ڪندو جنهن سان صحيح ۽ تبديليءَ کان پاڪ حاضري جو رڪارڊ تيار ٿيندو وڏي وزير مراد علي شاهه ان اقدام کي تعليمي گورننس ۾ هڪ وڏي سڌاري طور بيان ڪيو ۽ اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي ته ان جي ائرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته تعليمي نتيجن کي بهتر بڻائڻ ۾ استادن جي حاضري هڪ اهم ترين عنصر آهي ۽ سڄي اسڪول سسٽم ۾ احتساب کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٽيڪنالاجي جو استعمال لازمي ڪيو وڃي وڏي وزير چيو ته هر ٻار کي معياري تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي ۽ ان لاءِ ضروري آهي ته استاد ۽ اسڪول جو عملو موجود رهي ۽ پنهنجا فرض ائرائتي نموني سرانجام ڏئي هن وڌيڪ چيو ته FRAMES اسان کي حاضري جي نگراني ڪرڻ، نگراني (اوورسائيٽ) کي بهتر بڻائڻ ۽ بهتر فيصلا سازي ۾ مدد لاءِ هڪ شفاف ۽ قابل اعتماد طريقو فراهم ڪندو وڏي وزير سيڪريٽري ايجوڪيشن زاهد عباسي کي هدايت ڪئي ته هو ابتدائي شروعات دوران هڪ مضبوط سپورٽ ۽ مانيٽرنگ سسٽم قائم ڪري ۽ يقيني بڻائي ته اسڪولن جي انتظاميا کي هر قسم جي ضروري فني مدد ملي هن اها به هدايت ڪئي ته ڇهن ضلعن ۾ عملدرآمد جي سخت نگراني ڪئي وڃي ۽ باقاعدگي سان جائزو ورتو وڃي ته جيئن سڄي صوبي ۾ ان کي وڌائڻ کان اڳ سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي مراد شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اهو اقدام سنڌ حڪومت جي ان وسيع ايجنڊا جو حصو آهي جنهن تحت گورننس ۽ پبلڪ سروس ڊليوري کي بهتر بڻائڻ لاءِ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته رڳو حاضري جي ڪا ايپليڪيشن ناهي، پر هي هڪ اهم گورننس سڌارو آهي جيڪو نگراني کي مضبوط ڪندو، اداري جي نظم ۽ ضبط کي بهتر بڻائيندو ۽ تعليمي شعبي جي مجموعي ڪارڪردگي کي وڌائيندو. تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه اجلاس کي ٻڌايو ته FRAMES جو متعارف ڪرائڻ سنڌ جي جاري تعليمي سڌارن ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي هن چيو ته اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڪارڪردگي، شفافيت ۽ احتساب کي بهتر بڻائڻ لاءِ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل حل تيزيءَ سان اختيار ڪري رهيو آهي. وزير چيو تعليمي انتظاميا جو مستقبل ڊيٽا تي ٻڌل گورننس ۾ آهي FRAMES صحيح ۽ حقيقي وقت جي معلومات فراهم ڪندو جيڪا انتظاميا کي بهتر فيصلا ڪرڻ، نگراني کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪولن ۾ بهتر سروس ڊليوري کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪندي هن وڌيڪ چيو ته لانچ کان اڳ وڏي پيماني تي بنيادي ڪم مڪمل ڪيو ويو هو جنهن ۾ عملي جي رجسٽريشن، اسڪولن جي جيوٽيگنگ ۽ سسٽم جي ٽيسٽنگ شامل آهن وزير موجب، کاتو 17 آگسٽ تي عملدرآمد شروع ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي اجلاس ۾ پهرين مرحلي جي عملدرآمد لاءِ فيلڊ جي تياري، فني انتظامن، لاڳو ڪرڻ جي ٽائم لائين ۽ سپورٽ جي طريقيڪار جو جائزو ورتو ويو. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته جڏهن هي نظام ڇهن چونڊيل ضلعن ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪندو ته ان کي مرحليوار سنڌ جي سمورن ضلعن تائين وڌايو ويندو اجلاس جي پڄاڻي تي وڏي وزير جديد ڊجيٽل حلن ذريعي تعليمي شعبي کي جديد بڻائڻ جي سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجايو هن اميد ظاهر ڪئي ته FRAMES استادن جي حاضري کي بهتر بڻائڻ، نگراني ۽ جائزي جي طريقيڪار کي مضبوط ڪرڻ ۽ سڄي صوبي جي ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

چيف جسٽس آف پاڪستان ٻڌايو ته ملڪ جي سمورين عدالتن ۾ ويمن فيسليٽيشن سينٽرز قائم ڪيا ويندا، جن جو مقصد عورت سائلين کي آسان، محفوظ ۽ سازگار عدالتي ماحول فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته ويمن فيسليٽيشن سينٽرز ۾ ڏاڏهي ۽ تڪرارن جي متبادل حل جون سهولتون پڻ موجود هونديون، جڏهن ته عورتن کي نفسياتي سهائتا ۽ لاڳاپيل ادارن سان رابطي جون سهولتون پڻ فراهم ڪيون وينديون چيف جسٽس وڌيڪ ٻڌايو ته ويمن فيسليٽيشن سينٽرز لاءِ بهترين ڊيزائن چونڊيا ويا آهن، جيڪي سمورين هاءِ ڪورٽن کي ماڊل ڊيزائن طور فراهم ڪيا ويندا. ملاقات دوران عورت وڪيلن چيف جسٽس آف پاڪستان جو عورت سائلين جي سهولتن کي ترجيح ڏيڻ تي ٿورو ادا ڪيو ان موقعي تي انصاف تائين پهچ ۽ قانوني پيشي سان لاڳاپيل مختلف مسئلا پڻ پيش ڪيا ويا. چيف جسٽس جسٽس يحيٰ آفريدي عورت وڪيلن کي يقين ڏياريو ته انهن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل هاءِ ڪورٽن ۽ ٻين ادارن سان صلاح مشوري بعد عملي اڳڀرائي ڪئي ويندي

'برنٽ' (Brent) ۽ آمريڪي 'ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ' (WTI) خام تيل جون قيمتون 13 جولاءِ کان پوءِ پنهنجي گهٽ ترين سطح تي لهي آيون آهن. تقريبن 5 سيڪڙو گهٽتائي ڪانپوءِ برنٽ خام تيل جي قيمت 80 ڊالر في بيرل کان هيٺ اچي وئي ساڳئي طرح آمريڪا جي بينچ مارڪ 'ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ' (WTI) خام تيل جي قيمت ۾...

پارٽيءَ جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان مظفرآباد جي ٽڪ ايل اي 27 ۽ يونين ڪائونسل پيري ۾ مبينه چونڊ بي ضابطگين تي سخت ردعمل جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پ پ جي مضبوط ٽڪن ۾ (ن) ليگ هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊ عمل کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پ پ آزاد ڪشمير جي ميڊيا سيل طرفان جاري بيان موجب شيري رحمان چيو ته مظفرآباد جي ٽڪ ايل اي 27 ۾ سرڪاري چونڊ عملي جي نجي گهر ۾ موجودگيءَ جا اطلاع انتهائي ڳڻتيءَ جوڳا آهن (ن) ليگ طرفان ڌانڌلي بابت وڊيوز شاهديءَ طور اليڪشن عملدارن حوالي ڪري ڇڏيون آهن اليڪشن ڪميشن فوري انتظامي ۽ قانوني ڪارروائي ڪري چونڊ عمل جو اعتماد بحال ڪري سندس چوڻ هو ته واضح شاهديون سامهون اچڻ باوجود لاڳاپيل پوليس عملي جي ٻيهر چونڊ ڊيوٽي انجام ڏيڻ سواليه نشان آهي اهي واقعا چونڊ شفافيت، غيرجانبداري ۽ ادارن جي ساک تي سنگين سوال اٿاري رهيا آهن شيري رحمان چيو ته آزاد ڪشمير جو چيف اليڪشن ڪمشنر فوري نوٽيس وٺي آزادانه ۽ شفاف جاچ يقيني بڻائي چونڊ عمل تي اثرانداز ٿيندڙ سمورن ڌرين کي قانون موجب جوابده بڻايو وڃي

طاقت جي زور تي مسئلا ڪڏهن به حل نٿا ٿي سگهن هن آزاد ڪشمير جي صورتحال تي به ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته ڪشميري اسان کي سڏي رهيا آهن پر اتي به حالتون بهتر ناهن نوان صوبا ٺاهڻ بابت سوال تي مولانا فضل الرحمان چيو ته نوان صوبا ٺاهڻ انتظامي معاملو آهي پر سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ رڳو نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ آهي؟ هن مطالبو ڪيو ته ان معاملي تي عوام کان راءِ ورتي وڃي ته هو نئون صوبو چاهين ٿا يا نه. سندس چوڻ هو ته صوبا ڪيڪ ناهن جو ڇُري کڻي ڪٽي ڇڏيندا هر فيصلي ۾ صلاح مشورو ضروري آهي ۽ قومن جي سڃاڻپ کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. مولانا چيو ته دنيا ۾ ڪيترائي نظام ناڪام ٿي چڪا آهن جمهوريت ۽ آمريت ٻنهي کي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو جڏهن ته پاڪستان ۾ سياستدانن کي مناسب موقعو ئي نه ڏنو ويو هن چيو ته پارليامينٽ جي اهميت ختم ٿي چڪي آهي ۽ سمورن مسئلن جو حل آئين ۾ موجود آهي ملڪ کي آئين موجب هلائڻ گهرجي ۽ زبردستي حڪومتون مڙهڻ نه گهرجن. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو نالو وٺندي هن چيو ته جيڪڏهن محسن نقوي سمجهن ٿا ته نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ته پوءِ هو استعيفيٰ ڇو نٿا ڏيئي؟ مارشل لا جي دورن جو ذڪر ڪندي مولانا چيو ته انهن دورن ۾ آئين کي نقصان پهچايو ويو هن ٻڌايو ته جي يو آءِ 26هين آئيني ترميم تي حڪومت سان ڳالهيون ڪيون هيون جڏهن ته 28هين ترميم بابت في الحال ڪا ڄاڻ ناهي ته ان ۾ ڇا آندو ويندو. بلوچستان جي سياست بابت مولانا فضل الرحمان واضح ڪيو ته جمعيت علماءِ اسلام بلوچستان حڪومت جو حصو نه بڻجندي. هن چيو ته عوام جون اميدون اڄ به جي يو آءِ سان واڳيل آهن اپوزيشن بابت ڳالهائيندي هن چيو ته محمود خان اڇڪزئي اپوزيشن ليڊر آهن ۽ ڪين صلاح ڏني ته اپوزيشن جو اجلاس سڏايو وڃي نوجوانن بابت مولانا چيو ته نوجوانن جا پنهنجا جذبا هوندا آهن پر نوان چهرا فلمي اصطلاح آهن سياست جو نه. هن ٻڌايو ته سندس ڊاڪٽر مالڪ بلوچ سان ملاقات ٿي آهي، پر ڪيس خبر ناهي ته ڊاڪٽر مالڪ بلوچ وڏو وزير بڻجي رهيو آهي يا نه.

ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو. لڪي مروت ۾ ڪيل انهن ڪارروايون دوران ڪيترائي خوارجي مارجي ويا. مارجي ويل خوارجي دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار، گولا بارود ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز هٿان فتنه الخوارج جي ڪيترن ئي دهشتگردن جي زخمي ٿيڻ جا پڻ اطلاع آهن سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته ڪارروايون ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو پيو وڃي ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ رهي ۽ مقامي آباديءَ کي ڪو نقصان نه پهچي سيڪيورٽي فورسز ڪي پي ڪي ۾ پائيدار امن جي قيام ۽ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکنديون اچن

ڪراچي آئنده ۽ هلندڙ سال جي آخر کان مرحليوار وڌيڪ هڪ هزار اليڪٽرڪ (اي وي) بسون عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان سان گڏ سنڌ حڪومت پاران لاڙڪاڻي کان قمبر ۽ قمبر کان شهدادڪوٽ تائين پيپلز بس سروس جا نوان روٽ پڻ جلد شروع ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي فيصلا سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جي هڪ اهم اجلاس ۾ ڪيا ويا اجلاس ۾...

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد (روبرو جناب عابد علي لاکو) فيملي سوٽ نمبر 305 سال 2026

مسمات زيب النساءِ ڌيءَ ذوالفقار علي رهندڙ عسر پورو امام بارگاهه نوابشاهه.. پليننٽف. بخلاف. ڪامران ولد شبير احمد راجپوت رهندڙ شيخ محله نزد جمعيت القرآن مدرسو نوابشاهه تعلقو هالا 03032835171 .. ڊفينڊنٽ.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف، مينٽيننس، جهيز جي واپسي ۽ ڊاور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد (روبرو جناب عابد علي لاکو) فيملي سوٽ نمبر 261 سال 2026

مسمات الماس عرف گوريا ڌيءَ محمد ابراهيم ملوڪاڻي رهندڙ ڳوٺ سيد خير شاهه تعلقو نوابشاهه .. پليننٽف. بخلاف. بابر ولد بهرام ملوڪاڻي رهندڙ ڳوٺ سيد خير شاهه تعلقو نوابشاهه .. ڊفينڊنٽ.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ، مينٽيننس، جهيز جي واپسي ۽ ڪوري 1 تولو سون لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ (روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي) فيملي سوٽ نمبر 94 سال 2026

مسمات خالده ڌيءَ دادن سولنگي رهندڙ عظيم ڪالوني سڪرنڊ .. پليننٽف. بخلاف. ارباب ولد مولا بخش رهندڙ ڳوٺ جام جهلو تعلقو سڪرنڊ .. ڊفينڊنٽس.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ (روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي) گارڊين سوٽ نمبر 24 سال 2026

مسمات ڪوثر بيواهه غلام مصطفيٰ اوٺو رهندڙ ڳوٺ حاجي عثمان اوٺو تعلقو سڪرنڊ .. ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) منور حسين ولد غلام مصطفيٰ (2) مسمات حاڪمزادي بيواهه غلام قادر (3) جنرل پبلڪ .. اپوننٽس.

مٿين اپوننٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) بيبي عائشه بتول عمر 16 سال (2) بيبي عليبا عمر 15 سال (3) بيبي عليما عمر 14 سال (4) بيبي صفيه اينڊ غلام مرتضيٰ جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ضميران چانڊيو .. پليننٽف. بخلاف. خليل ولد جليل ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ گل حسن چانڊيو سائيٽ روڊ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو .. ڊفينڊنٽس.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ثانيه .. پليننٽف. بخلاف. آفاق علي چانڊيو ولد عبدالجبار چانڊيو مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 1832 قلندر آباد ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو حال رهندڙ خدا جي بستي نمبر 1 ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03282474728 .. ڊفينڊنٽس.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ، ڪوري مينٽيننس آف مائنر ۽ ٻي درخواست زير قلم S-17-A مسلم فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا فيملي سوٽ نمبر 17 سال 2026

شريمتي ليليٰ ڌيءَ ڪيتو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ لطيف ڪالوني ڀٽ شاهه تعلقو هالا .. پليننٽف. بخلاف. روي ولد ڀاڳو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ مير حسن مري ٽنڊو آدم سيل 03070120772. ڊفينڊنٽس.

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن: جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي/ گارڊين جج I هالا (روبرو جناب وسيم احمد لاکير) گارڊين سوٽ نمبر 04 سال 2026

مسمات وڪيلان زال ذوالفقار علي رهندڙ اسرار پاڙو نزد امام بارگاهه پرياڻ عمار پلاڙو نوابشاهه ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) ڪامران ولد شبير احمد رهندڙ شيخ محله ڀٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) محمد احمد ولد ڪامران عمر 03 سال (2) عمر ولد ڪامران عمر 15 مهينا (مائنر)

مٿين اپوننٽش ڏانهن: جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي/ گارڊين جج I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

محمد رفيق ولد جمعون وساڻ رهندڙ ڳوٺ علي خان وساڻ بي او شيخ ڀرڪيو ضلعو ٽنڊو محمد خان ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات شاهنور وساڻ (2) مسمات مٺان وساڻ (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) ذوالفقار علي وساڻ عمر 05 سال ذات وساڻ پٽ فوتي فياض علي ولد محمد رفيق وساڻ رهندڙ ڳوٺ علي خان وساڻ بي او شيخ ڀرڪيو ضلعو ٽنڊو محمد خان (مائنر)

مٿين اپوننٽش ڏانهن: جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10، گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج چمبڙ ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 2026 فيملي سوٽ نمبر 03 سال 2025

مسمات راحيله ڌيءَ اڪبر لغاري ۽ ٻيا ايپليڪينٽ. بخلاف. افتخار ولد ظهير احمد لغاري رهندڙ ڳوٺ نصير خان لغاري تعلقو چمبڙ حال رهندڙ گهر نمبر A-097 ماروي ٽائون قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03138334921 .. اپوننٽس.

مٿين اپوننٽش ڏانهن: جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي ڪملا بيواهه ريواچند هندو بالغ ذات لوهاڻا رهندڙ گهر نمبر 25 ڪالوني جناح ٽائون نزد ڪي جي اسڪول چمبڙ روڊ ٽنڊو الهيار نزد سنڌ هارڊويئر شاپ ٽنڊو الهيار ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) لالو ولد ريوا چند (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) پاروتي عمر 16 سال. مائنر.

مٿين اپوننٽش ڏانهن: جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ گارڊين جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته سرٽيل رڪارڊ تعلقو ڪوٽ غلام محمد جيڪو 2007 ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي شهادت دوران سڙي ويو هو جنهن جي ٻيهر داخلا لاءِ ڪاتيدار نالي فوتي ميهون خان ولد خدابخش پاران سندس پٽ محمد امين ولد ميهون خان پلاٽ نمبر 14 ٽوٽل ايراضي 1215 اسڪوائر فوٽ ديهه A-290 ۾ آهي جنهن جي انڪوائري ڪرڻ ڪانپوءِ سرزمين تي جلسه عام ڪيو ويو ۽ ٻن معزز ماڻهن جا بيان پڻ ورتا ويا ڪيس وغيره هلندڙ نه آهي ڪو تڪرار فساد نه آهي جنهن جي تصديق ٻن معزز ماڻهن ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص ۽ عام کي هن اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن به شخص يا ڪنهن به اداري کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ڇپجڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ فيصلو جاڙ ۽ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي الله ورايو ولد غلام رسول ذات هاليپوٽو درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي غلام رسول ولد رحمت الله هاليپوٽو تاريخ 07-03-2003 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ/ سروي نمبر 1/2to6,51/2,11,12,59/1to4,2/4,4/1,6,7,75/1to 16,77/1 to 16, 59/5to 16, 60/1to16, 51/1,7 to 10 to 13 to16, 29/1 to8,11to14 19/1 to16, 10/1 to 14, 4/2 to5, 8 to 11,2/1 to 3, 5,6, 16 130/1to 16 حصي موجب ايراضي 19-64 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جاڙ وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو ديهه نمبر 332 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جاڙ وارث ظاهر ڪيا آهن (1) الله ورايو (پٽ) (2) ثناءُ الله (پٽ) (3) سجاد حسين (پٽ) (4) ثمينه (ڌي) (5) رابعه (ڌي) (6) سميران (ڌي) (7) سڪينا زال هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن تي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جاڙ وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پ پ ۽ (ن) ليگ ۾ وڌندڙ ويڇوٽين پٺيان حقيقت ڇا آهي؟ صفحو 4

ڊاڪٽر رشيد احمد — دهشتگردي، بلوچستان ۽ سياست صفحو 4

چنائيتي امتحان ۽ شاگردن لاءِ وڌندڙ چئلينج! — اقراء ڪماري صفحو 4

منل جسڪاڻي — برسات: ٽورو لڪيو، گهٽو سمجهندا! صفحو 4

ٽنڊوالهيار جي يوسي شيخ موسيٰ جي قديمي ڳوٺ ڏتو ڪالرو مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

گهرن جي رستن تي برساتي پاڻي جمع ٿيڻ سبب ڳوٺ ڏتو ڪالرو جي رهواسين کي شديد مشڪلاتن درپيش

يوسي شيخ موسيٰ جي چيئرمين کي برساتي نيڪال ڪرڻ جو چيو آهي پر ڪابه موٽ ناهي ملي سگهي: ڳوٺاڻا

جيڪڏهن وقت سر برساتي گند ٿيل پاڻي جو نيڪال نه ڪيو، وچڙندڙ بيمارين منهن ڪڍنديون. ڊي سي نوٽيس وٺي

نه ٿيڻ سبب مقامي ڳوٺاڻن جي گهرن جي رستن تي برساتي پاڻي جمع ٿيڻ سان ڪيترن سخت ڏکيائين منهن ڏسڻو پيو ڳوٺاڻن صحافين کي ٻڌايو ته هنن يوسي شيخ موسيٰ جي چيئرمين کي پڻ برساتي نيڪال ڪرڻ جو چيو آهي پر موٽ نه جيڪڏهن وقت سر برساتي گند ٿيل پاڻي جو نيڪال نه ڪيو ويو ته گوٺاڻن وچڙندڙ بيمارين منهن ڪڍنديون ان سلسلي ۾ ساڳي معاشر ڳوٺاڻن يوسي چيئرمين جي بيحسي تي افسوس جو اظهار ڪندي ڊي سي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ سان برساتي پاڻي ڪڍرايو وڃي

عثمان شاهه هڙي يوسي شيخ موسيٰ جي قديمي ڳوٺ ڏتو ڪالرو برساتي پاڻي ۾ ٻڏل نظر اچي ٿو

عثمان شاهه هڙي(نامه نگار) ڏاڍي طوفاني برسات سبب تعلقي ٽنڊوالهيار جي يوسي شيخ موسيٰ جي قديمي وڏي آبادي واري ڳوٺ ڏتو ڪالرو ۾ برساتي پاڻي جو نيڪال

مهراڻ يونيورسٽي ۾ جشنِ آزادي ملهائڻ وارين تقريبن جو آغاز

مک عمارتن توڙي مک دروازن کي قومي جهنڊن ۽ روشنين سان سينگاريو ويو

پهرين کان چوڏهين آگسٽ تائين مختلف تقريبون ۽ تقريري مقابلا پڻ پيش ڪيا ويندا

ڄامشورو رجسٽرار مهراڻ يونيورسٽي ڊاڪٽر نصر الله پيرزادو بوٽو پوکي جشن آزادي جي تقريبن جي شروعات ڪندي

آل پاڪستان اخبار فروش فيڊريشن جي مرڪزي اڳواڻن جو اجلاس

اخباري مالڪن ۽ اخبار فروش فيڊريشن کي هڪ ٽي ميز تي ويهڻ گهرجي: اڳواڻ

اخباري صنعت جي بحالي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون: سيد عامر افضال شاهه

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 32 ڏينهن ۾ احتجاجي مظاهرو

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن: مظاهرين

19 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 32 ڏينهن ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 19 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿيڻ ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن ۽ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ قليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران ترقياتي منصوبي جو دورو

حاجي نواز علي بروهي پيپور بلاڪ وڄائڻ واري ترقياتي منصوبي جو دورو ڪيو

معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو هرگز قبول نه ڪيو ويندو: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي چيئرمين منگهوپير حاجي نواز علي بروهي پيپور بلاڪ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺندي

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي جنرل باڊي جو ساليانو اجلاس

ساليانو اجلاس ۾ ميمبرن شرڪت ڪري تنظيمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

سينيئر نائب صدر، جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي عهدن لاءِ چونڊون

ڪراچي ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي جنرل باڊي جو ساليانو اجلاس ٿي رهيو آهي

ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي زون 3

پاران انڊر-15 ۽ انڊر-17 ايون ٽرائلز 8 کان 10

آگسٽ تائين نوجوان ڪرڪيٽرن لاءِ سونهري

بلاڙي شاهه ڪريم جي رهواسين جو حيدرآباد ۾ مظاهرو

مهربان رند جي وارثن قتل ڪيس ۾ انصاف نه ملڻ خلاف مظاهرو ڪيو

معاملي جو نوٽيس اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين

EXCLUSIVE INTERVIEW

"Karachi Changed My Perception Completely"

OUTGOING MALAYSIAN CONSUL GENERAL
HERMAN HARDYNATA AHMAD
Reflects on Diplomacy, Friendship and Four Memorable Years in Pakistan

"The hospitality of the Pakistani people is extraordinary. Pakistan will always hold a special place in my heart."

For nearly four years, Malaysia's Consul General in Karachi, Herman Hardynata Ahmad, has been one of the most active faces of Malaysian diplomacy in Pakistan. During his tenure, Pakistan and Malaysia witnessed stronger cooperation in trade, education, tourism, direct air connectivity and cultural exchanges. As he prepares to return to Malaysia, he spoke in an exclusive farewell interview about his diplomatic journey, his changing perception of Karachi and the enduring friendship between the two countries.

Interestingly, diplomacy was not his first profession. After graduating in business communication and writing in 2001, he began his career as a freelance broadcast journalist covering sports.

"Sports journalism taught me discipline, accuracy and responsibility because facts are facts. A football match ending 2-0 cannot be interpreted differently," he recalled.

Although he enjoyed journalism, his desire to serve his country eventually led him into public service. He joined Malaysia's Ministry of Information in 2004 before entering the Malaysian Diplomatic Service three years later. After serving in Brunei, he was appointed Consul General in Karachi, a responsibility he considers both an honour and a privilege.

When he first learned of his posting, however, he had mixed feelings.

"I searched online and what I found about Karachi was quite discouraging. Social media created the impression that it was an unsafe city."

His concerns disappeared almost immediately after arriving in Pakistan. social media."

According to him, people often judge Karachi based on isolated incidents rather than everyday reality.

"Karachi is one of the world's largest cities. An incident occurring many kilometres away should not define the entire city. Unfortunately, many people abroad only read headlines."

Throughout his assignment, businessmen, investors and academics frequently sought his advice before travelling to Pakistan.

"My answer was always the same: don't rely on social media. Visit Pakistan yourself. Once people experience the country and meet its people, their perceptions change naturally."

His own family also embraced life in Karachi.

"My wife and children genuinely enjoyed living here. They made wonderful friends and adapted very quickly. Leaving Pakistan has been emotional for all of us because they already miss the friendships they built."

Hospitality, he believes, remains Pakistan's greatest strength.

"I quickly realised that nobody lets you leave a Pakistani home without eating," he said with a smile. "The hospitality here is truly first class."

Although Pakistani cuisine proved much spicier than Malaysian food, he became particularly fond of biryani and pulao.

"My strategy was simple I started with the less spicy portion before moving to

the defining features of his tenure. Shortly after his arrival, Batik Air approached the Malaysian Consulate regarding direct flights between Karachi and Kuala Lumpur. Working with the relevant authorities, the service was launched in November 2023. A year later, AirAsia also introduced direct flights.

He also expressed hope that Malaysia Airlines would soon join the route.

"Every direct flight brings people closer. It promotes tourism, trade, education, investment and family connections. Better connectivity naturally strengthens every aspect of bilateral relations."

Education has also emerged as one of the strongest pillars of cooperation.

"Today, more than 7,000 Pakistani students are studying in Malaysia, and the number continues to grow."

He believes Malaysia offers internationally recognised education at affordable costs in a culturally familiar Muslim-majority environment. To promote educational opportunities, the Consulate organised the "Jom Malaysia Chalo" Education Fair in Karachi, which attracted strong interest from Pakistani students and parents.

Trade cooperation also expanded during his tenure. Malaysia established a dedicated trade promotion office in Karachi to strengthen commercial engagement with Pakistan's business community.

"Karachi is Pakistan's commer-

Looking ahead, he believes the halal economy presents enormous opportunities for both countries.

"The halal industry is much broader than food. It includes pharmaceuticals, cosmetics, logistics, Islamic finance, tourism and many other sectors."

He expressed hope that Karachi could one day host international halal exhibitions similar to Malaysia's globally recognised Malaysia International Halal Showcase (MIHAS).

Bilateral trade between Pakistan and Malaysia reached approximately US$1.6 billion last year, but he believes the next phase of cooperation should focus on technology, digital industries, services and innovation.

"We have done well in merchandise trade. Now we should expand into knowledge-based sectors."

Beyond economics, Herman Hardynata Ahmad considers cultural diplomacy equally important.

Throughout his assignment, the Malaysian Consulate actively promoted Malaysian culture through national celebrations, traditional performances and culinary events. He also introduced Malaysia's traditional martial art, Pencak Silat, to audiences in Karachi and was pleased to discover an enthusiastic local community already promoting the discipline.

Sports, too, remain an effective bridge between the two countries.

"Pakistan is famous for cricket, while Malaysia has traditionally excelled in hockey, badminton and sepak takraw."

Although he jokingly admitted he never gathered enough courage to play cricket himself, he praised Pakistan's rich sporting tradition and acknowledged the valuable contribution Pakistani players and coaches have made to Malaysian hockey over the years.

Reflecting on Malaysia's own development, he credited former Prime Minister Dr. Mahathir Mohamad with laying the foundation for the country's modern transformation.

As he prepares to return to the Ministry of Foreign Affairs in Putrajaya, he says he does not yet know where his next diplomatic assignment will take him. However, if given the opportunity, he would gladly work on Pakistan-related affairs again.

"I now understand the country, its people and its tremendous potential."

Asked what memory he would carry home from Pakistan, his answer came without hesitation.

"The extraordinary hospitality of the Pakistani people."

He recalled meeting families who, despite limited resources, insisted on welcoming guests with generosity and warmth.

"That kindness cannot be measured by wealth. It comes from the heart."

Finally, when asked whether he would miss Karachi, he smiled before replying:

"Of course. I will miss Karachi, its people, its warmth and the friendships we have built here. Pakistan will always hold

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 05 آگسٽ 2026ع

پ پ ۽ (ن) ليگ ۾ وڌندڙ ويڇوٽين پٺيان حقيقت ڇا آهي؟

آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ قانونساز اسيمبليءَ جي چونڊن ڪانپوءِ سياسي گرما گرمي گهٽجڻ بدران وڌيڪ تيز ٿي وئي آهي. هڪ پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊن کي ڌانڌلي وارا قرار ڏيندي مسلم ليگ (ن) کي خبردار ڪري رهيو آهي ته سنڌن "ابتي ڳڻپ" شروع ٿي چڪي آهي ته ٻئي پاسي مسلم ليگ (ن) چونڊن ۾ ڌانڌليءَ جا الزام رد ڪندي حڪومت ٺاهڻ لاءِ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ جي دعويٰ ڪري رهي آهي. ٻنهي وڏين سياسي ڌرين جي بيانن مان واضح ٿئي ٿو ته آزاد ڪشمير جي چونڊن جو نتيجو رڳو اسيمبليءَ جي انگن اکرن تائين محدود نه رهيو آهي، پر هاڻي اهو هڪ وڏي سياسي تڪرار جي صورت اختيار ڪري رهيو آهي. بلاول ڀٽي جو چوڻ آهي ته اسٽهنلڙ حالتن ۽ مبينا ڌانڌليءَ باوجود پيپلز پارٽي عوام جي ووٽن سان 9 سيٽون حاصل ڪيون ۽ پارٽي ميرپور ۽ مظفرآباد جون مبينا طور چوري ڪيل سيٽون واپس وٺندي. سندس موقف آهي ته پ پ نه همت هاريندي نه پوئتي هٽندي ۽ نه ئي سياسي ميدان ڇڏيندي. ان جي ابتڙ مسلم ليگ (ن) جو موقف آهي ته پارٽي 45 مان 23 سيٽون حاصل ڪري حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ اچي چڪي آهي ۽ پيپلز پارٽي جا ڌانڌليءَ بابت الزام مسلسل گهٽ ٿيندا ويا آهن. چونڊن جي نتيجن بابت سامهون ايندڙ انگ اکر پڻ هڪ پيچيده سياسي تصوير پيش ڪن ٿا. ٻئي مرحلي ۾ مظفرآباد ڊويزن جي تڪن ۽ پناهگيرن جي سيٽن تي ووٽنگ ٿي، جڏهن ته خراب موسم ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب هڪ تڪ ۾ پولنگ ملتوي ڪرڻي پئي. غير حتمي نتيجن موجب مسلم ليگ (ن) ڪيترين ئي سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن ته پيپلز پارٽي به اهم تڪن ۾ ڪامياب ٿي. مثال طور نيلم ويلي جي هڪ تڪ ۾ مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ڪامياب ٿيو جڏهن ته ٻئي تڪ ۾ پيپلز پارٽي اميدوار ڪاميابي حاصل ڪئي. مظفرآباد جي هڪ تڪ ۾ پڻ پيپلز پارٽي اميدوار مسلم ليگ (ن) جي اميدوار کي شڪست ڏني.

اصل سوال اهو ناهي ته ڪهڙي پارٽي ڪيتريون سيٽون کٽيون. اصل سوال اهو آهي ته ڇا آزاد ڪشمير جي عوام جو ووٽ واقعي انهن جي مرضيءَ مطابق نتيجي ۾ تبديل ٿيو آهي يا نه؟ جيڪڏهن ڪنهن سياسي ڌر کي چونڊ عمل تي اعتراض آهي ته ان کي رڳو سياسي بيانن تائين محدود رهڻ بدران هر تڪ جا واضح ثبوت، انگ اکر ۽ دستاويز سامهون آڻڻ گهرجن ساڳئي وقت چونڊ ڪٽيندڙ ڌر تي به اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو مخالف ڌر جي اعتراضن کي محض سياسي سازش قرار ڏئي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جو قانوني ۽ شفاف طريقي سان جواب ڏئي. جمهوري نظام جي اصل طاقت چونڊن جي نتيجي ۾ نه پر ان نتيجي تي عوام جي اعتماد ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن هارائيندڙ ڌر نتيجو قبول نه ڪري ۽ ڪٽيندڙ ڌر هر اعتراض کي سازش قرار ڏئي ته پوءِ سياسي بيچيني وڌندي آهي ۽ عوام جو چونڊ عمل تان اعتماد ڪمزور ٿيندو آهي. آزاد ڪشمير جهڙي حساس خطي ۾ اها صورتحال ڪنهن به صورت ۾ مناسب نه آهي. هتي سياسي استحڪام، جمهوري ادارن جي مضبوطي ۽ عوام جي اعتماد کي خاص اهميت حاصل آهي. مظفرآباد ۾ احتجاجن، ايڪشن ڪميٽي سان مبينا لاڳاپن ۽ تشدد جي واقعن بابت به ٻنهي ڌرين جا پنهنجا پنهنجا موقف آهن. اهڙين حالتن ۾ سياسي الزام تراشي بدران حقيقتن جي آزادانه جاچ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن ڌر تي هنگامو ڪرائڻ يا تشدد ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي ته ان جو فيصلو ثبوتن جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي، نه ڪي سياسي بيانن ذريعي. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ڪنهن اميدوار يا سياسي ڪارڪن تي حملو ٿيو آهي ته ان جي به غيرجانبدار جاچ ضروري آهي. بلاول ڀٽو جو "ابتي ڳڻپ" وارو بيان سياسي طور تي سخت لهجو ضرور رکي ٿو، پر جمهوريت ۾ اصل ڪائونٽ ڊائون عوام جي ووٽ جو هوندو آهي. حڪومتون نعرن، ڌمڪين يا سياسي بيانن سان نه، پر عوام جي اعتماد، ڪارڪردگي ۽ آئيني طريقي سان قائم رهنديون آهن. اسان جي خيال ۾ آزاد ڪشمير جي عوام کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جنهن ۾ چونڊن ڪانپوءِ به سندن مسئلا مرڪز بڻيل رهن. روزگار، مهانگائي، تعليم، صحت، بنيادي سهولتن، روڊن ۽ بجلي جهڙا مسئلا سياسي بيانن کان وڌيڪ اهم آهن. اقتدار جي جنگ ۾ عوام جا اصل مسئلا پوئتي نه رهڻ گهرجن.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

جَنِي جَهِيڙيو ھَاڻِ، عَليءَ جِي اَولادَ سين،
مَهِنڌَانِ پَيِينِ ڪَاڻِ، ٿِيا جَمَاعتِي يَزِيدَ جَا.

ڪربلا ۾ حضرت امام حُسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي شهادت کي چاليهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ چاليهي جي رسم ادا ڪئي وئي. ان ڏينهن جي مناسبت سان ڪربلا جي شهيدن کي لطيف سائينءَ جي هن نصيحت آموز بيت سان ڀيٽا ڏجي ٿي. جنهن ۾ لطيف سائينءَ خبردار ڪندي چئي ٿو ته گذريل وقت ۾ جيڪي يزيد جي جماعت ۾ هئا قدرت انهن کي ته عبرت جو نشان ضرور بڻائيندي پر هن وقت به جيڪي حضرت علي عليه السلام سان ۽ ان جي اولاد سان وير، بغض رکن ٿا ۽ هاڻي به يزيدي جا حامي طرفدار ۽ ان جا جماعتي آهن سي ان ڏينهن کي نظر انداز نه ڪن جڏهن ڪين قيامت جي ڏينهن نبي پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي شفاعت جي ضرورت پوندي ۽ ان مهل سندن آهه، پڪار ڪير ٻڌڻ وارو ئي ڪونه هوندو ڇو جو حضور جن جي اهلبيت سان هڪ ناروا سلوڪ جيڪو يزيد پٽ معاويه ۽ ٻئي امير جي ساٿارين ڪيو هو، سو اڄ تائين ڪنهن به اهل دل، اهل ظرف انسان کان وسري ناهي سگهيو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

مخدوم امين فهيم جو عشق، وفا ۽ روحانيت جو سفر


اياز وگهيو

سنڌ جي مٽيءَ ۾ ڪجهه اهڙا نالا آهن جيڪي وقت جي گذرڻ سان پراڻا نٿا ٿين مخدوم محمد امين فهيم به اهڙي ئي شخصيت هو جنهن جي زندگيءَ کي صرف سياست جي دائري ۾ قيد ڪري نٿو سگهجي سندس شخصيت ۾ سياست، شاعري، روحانيت، ادب ۽ سنڌي ثقافت جا ڪيترائي رنگ گڏ نظر اچن ٿا. هو هڪ ئي وقت پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ، پارليامينٽيرين، وفاقي وزير، شاعر ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا رهيو.

4 آگسٽ 1939ع تي هالا جي مخدوم خاندان ۾ جنم وٺندڙ امين فهيم کي اهڙو ماحول مليو، جتي علم، ادب، تصوف ۽ سياست زندگيءَ جو حصو هئا سندس والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌ جي روحاني ادبي ۽ سياسي تاريخ جو هڪ اهم نالو هو هالا جو مخدوم خاندان صدين کان سروري جماعت جي روحاني روايت سان ڳنڍيل رهيو آهي ۽ سنڌ جي ثقافتي ۽ ادبي زندگيءَ تي به گهرو اثر ڇڏي چڪو آهي امين فهيم جي شخصيت جو هڪ خوبصورت پاسو سندس شاعري هئي هن ننڍپڻ ۾ شاعري شروع ڪئي ۽ پنهنجي اندر جي احساسن کي لفظن جو روپ ڏنو سندس شاعريءَ ۾ عشق، سڪ، وڇوڙو، انساني احساس ۽ تصوف جا رنگ نمايان آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "پيغام" پڻ شايع ٿيو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ مولانا روميءَ جي فڪري روايت سان سندس ادبي لاڳاپو سندس شاعريءَ کي روحاني رنگ عطا ڪري ٿو.

هو انهن سياستدانن مان هو جن جي اندر شاعر سياست جي شور ۾ به زنده رهيو. شايد اهو ئي سبب هو جو سندس سياسي انداز ۾ سختيءَ کان وڌيڪ برداشت ۽ مفاهمت جا عنصر نظر ايندا هئا. 1970ع جي عام چونڊن سان سندس قومي ۽ پارلياماني سياسي سفر شروع ٿيو ان کان پوءِ هو ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو آيو ۽ هالا سندس سياسي طاقت جو اهم مرڪز بڻيو سندس سياسي زندگيءَ جي سڀ کان نمايان سڃاڻپ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سندس ڊگهي وفاداري هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کان وٺي محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي جدوجهد ۽ پوءِ پارٽيءَ جي مختلف مرحلن تائين امين فهيم پيپلز پارٽيءَ سان گڏ بيٺو رهيو پارٽيءَ تي ڏکيا وقت آيو قيادت جلاوطن ٿي سياسي بحران پيدا ٿيا پر هن پنهنجو سياسي تعلق ختم نه ڪيو سندس سياسي زندگيءَ جو سڀ کان اهم امتحان 2008ع ۾ آيو جڏهن محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽي اقتدار ۾ آئي ۽ وزارتِ عظميٰ لاءِ امين فهيم جو نالو به اهم اميدوار طور سامهون آيو سندس ڊگهو پارلياماني تجربو ۽ سياسي قد کيس مضبوط اميدوار بڻائيندا هو پر آخرڪار يوسف رضا گيلاني کي وزيراعظم نامزد ڪيو ويو امين فهيم لاءِ اهو سياسي طور ڏکيو لمحو ضرور هو پر هن پارٽي ڇڏڻ بدران جماعت سان گڏ رهڻ کي ترجيح ڏني وزيراعظم جو عهدو نه ملڻ پر وفاداريءَ جو عهد نه ٽٽو.

مختلف رپورٽن ۾ اهو به ذڪر ملي ٿو ته جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ کيس وزارتِ عظميٰ جي آڇ سان جوڙيو ويو، پر هن اها آڇ قبول نه ڪئي اقتدار جي مقابلي ۾ سياسي وابستگيءَ کي ترجيح ڏيڻ سندس شخصيت جو هڪ نمايان پاسو هو امين فهيم وفاقي حڪومت ۾ مختلف اهم وزارتون پڻ سنڀاليون هو مواصلات جو وفاقي وزير رهيو، هائوسنگ اينڊ ورڪس جي وزارت سنڀالي ۽ 2008ع کان پوءِ واپاري واري وفاقي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنيون پر سندس سياست کي رڳو وزارتن سان ماپڻ مناسب نه ٿيندو سندس اصل سڃاڻپ سندس سياسي تجربو، عوام سان تعلق، پارٽيءَ سان وفاداري ۽ سنڌ جي روحاني روايت سان ڳانڍاپو هو امين فهيم سروري جماعت جو روحاني پيشوا پڻ هو هالا سندس لاءِ رڳو اباڻي شهر نه پر روحاني ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو مرڪز هو هڪ طرف اسلام آباد جا اقتداري ايوان هئا ته ٻئي طرف هالا جي روحاني فضا انهن ٻنهي دنيائن وچ ۾ سندس شاعري هڪ پل جو ڪم ڪندي رهي زندگيءَ جي آخري دور ۾ بيماري سندس جسم کي ڪمزور ڪيو علاج لاءِ پرڏيهه به ويو پر آخرڪار پاڪستان واپس آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ علاج هيٺ رهيو 21 نومبر 2015ع تي 76 ورهين جي ڄمار ۾ سندس زندگيءَ جو سفر پورو ٿيو سندس جسد خاڪي هالا آندو ويو، جتي کيس مخدوم نوح سرور جي درگاهه پرسان سندس والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي قبر جي ويجهو ڪيس دفن ڪيو ويو جنهن هالا ڪيس جنم ڏنو ساڳئي هالا جي مٽيءَ کيس پنهنجي آغوش ۾ واپس وٺي ورتو.

جيتوڻيڪ اڄ امين فهيم جسماني طور ته اسان وٽ موجود ناهي پر سندس نالو سنڌ جي سياست، شاعري ۽ روحاني روايت ۾ اڃا تائين زنده آهي سندس ورثو رڳو وزارتن ۽

دهشتگردي، بلوچستان ۽ سياست

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

اُن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته دهشتگردي هاڻي ملڪ جي سلامتي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي گذريل ويهن پنجويهن سالن دوران اسان جي فوج، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن دهشتگردن جي بزدلاڻن حملن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن پر ان هوندي به دهشتگردي جو هي ناسور اڃا تائين مڪمل طور ختم نه ٿي سگهيو آهي انسٽيٽيوٽ فار اڪنامڪس اينڊ پيس جي جاري ڪيل گلوبل ٽيررازم انڊيڪس 2026ع موجب، سال 2025ع دوران پاڪستان دنيا جو اهو ملڪ رهيو جيڪو دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو. 2026ع جي پهرين ستن مهينن ۾ به خاص ڪري بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جا واقعا لڳاتار ٿيندا رهيا. هن وقت سڀ کان وڌيڪ سيڪيورٽي جا مسئلا بلوچستان ۾ آهن جتي دهشتگردي سبب ٿيندڙ فوتگين جو انگ جون مهيني ۾ 109 هو، جيڪو جولاءِ ۾ وڌي 372 تائين پهچي ويو، يعني لڳ ڀڳ 241 سيڪڙو اضافو ٿيو ملڪ جي ايراضيءَ جي لحاظ کان سڀ کان وڏي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان انتهائي اهم صوبي ۾ وڌندڙ دهشتگردي کي نظر ۾ رکندي، جولاءِ جي شروعات کان سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن خلاف ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي آپريشن ۽ ٽارگيٽ ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيون آهن اهي ڪارروايون اڳ 'شعبان' ۽ هاڻي 'العزم' نالي دهشتگردي خلاف هلندڙ آپريشنن تحت جاري آهن پاڪ فوج جي ترجمان موجب، 5 جولاءِ کان 15 جولاءِ تائين ٿيل آپريشنن دوران 129 دهشتگرد ماريا ويا. 31 جولاءِ تي آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ بلوچستان جي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي سندس چوڻ هو ته هلندڙ سال دوران بلوچستان ۾ هينئر تائين 31 هزار 80 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيا ويا آهن جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ اهڙن آپريشنن جو انگ 7 هزار 177 رهيو هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردن خلاف اهي ڪارروايون اُن وقت تائين جاري رهنديون، جيستائين دهشتگرديءَ جو مڪمل خاتمو نه ڪيو ويندو سيڪيورٽي معاملن تي نظر رکندڙ هڪ پاڪستاني ٿنڪ ٽينڪ جي رپورٽ موجب، جولاءِ جو مهينو خاص طور تمام گهڻو رت وهائيندڙ ثابت ٿيو. ان مهيني دوران دهشتگرديءَ جا 71 واقعا پيش آيا. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هڪ طرف حملن ۾ واڌ ٿي ته ٻئي طرف سيڪيورٽي فورسز به پنهنجون ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيون. رپورٽ موجب، جولاءِ ۾ 112 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿيا، جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائين دوران 401 دهشتگرد ماريا ويا، جيڪا گذريل ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ ڪنهن هڪ مهيني دوران مارجي ويل دهشتگردن جي سڀ کان وڏي انگ واري ڪارروائي آهي ان کان علاوه 74 عام شهري ۽ امن ڪاميٽين جا 19 ميمبر به دهشتگردن جي حملن جو نشانو بڻيا. جولاءِ دوران گهٽ ۾ گهٽ اٺ خودڪش حملا به رپورٽ ٿيا، جيڪي گذريل ڏهن سالن ۾ ڪنهن هڪ مهيني دوران رڪارڊ ٿيل خودڪش حملن جو سڀ کان وڏو انگ آهي رپورٽ ۾ خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي ته ايندڙ مهينن ۾ دهشتگردي جا واقعا وڌيڪ وڌي سگهن ٿا، ڇو ته هاڻي اهي حملا انهن علائقن تائين به پکڙجڻ لڳا آهن جيڪي اڳ امن وارا يا فوجي آپريشن ڪانپوءِ دهشتگردن کان پاڪ سمجهيا ويندا هئا. اهڙوئي هڪ افسوسناڪ واقعو 24 جولاءِ تي خيبرپختونخوا جي ضلعي ٽانڪ ۾ پيش آيو، جتي فوج ۽ پوليس جي گڏيل چيڪ پوسٽ تي بارود سان ڀريل گاڏي ذريعي حملو ڪيو ويو ان حملي ۾ 15 اهلڪار شهيد ٿيا، جن ۾ 12 فوجي ۽ پوليس اهلڪار ۽ ٻيلي ڪاٽي جو هڪ آفيسر شامل هو 29 ۽ 30 جولاءِ جي وچ واري رات ضلعي هنگو ۾ به هڪ چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ هڪ ڊي ايس پي سميت 9 پوليس اهلڪار شهيد ۽ 26 ٻيا زخمي ٿي پيا. ان کان اڳ بلوچستان ۾ به هڪ ڊي ايس پي هڪ سيشن جج ۽ ڪيترائي ٻيا ماڻهو دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ پنهنجيون جانيون وڃائي چڪا آهن ملڪ ۾ ٻيهر وڌندڙ دهشتگردي، خاص ڪري بلوچستان ۾ خراب ٿيندڙ صورتحال کي نظر ۾ رکندي، حڪومت دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي وزيراعظم شهباز شريف جي هڪ بيان موجب، اهو فيصلو ملڪ جي سياسي ۽ فوجي قيادت گڏجي ڪيو آهي فيصلي تحت دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن سان ڪنهن به قسم جي نرمي نه ڪئي ويندي ۽ آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها مهم جاري رهندي. قوم کي پنهنجي سيڪيورٽي فورسز تي پورو ڀروسو آهي ۽ عوام انهن جي قربانين کي وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو اُن ڳالهه تي به ملڪ ۾ مڪمل اتفاق آهي ته جيڪي ماڻهو پنهنجي خراب مقصدن لاءِ ملڪ جو امن خراب ڪرڻ چاهين ٿا، انهن سان سختيءَ سان منهن ڏيڻ ضروري آهي پر ان سان گڏ اهو به ايترو ئي اهم آهي ته حڪومت عوام جو اعتماد به حاصل ڪري، ڇو ته عوام جي سٺ ڪانسواءِ ڪا به جنگ، پلي اها دهشتگردي خلاف ئي ڇو نه هجي ڪامياب نٿي ٿي سگهي دهشتگرديءَ خلاف موجوده حڪمت عملي بابت مختلف حلقا ڪجهه خدشا به ظاهر ڪري رهيا آهن انهن جو چوڻ آهي ته هن وقت رڳو طاقت جي استعمال تي وڌيڪ ڀاڙيو پيو وڃي موجوده حالتن ۾ اهو شايد ضروري هجي پر جيڪڏهن ڊگهي مدي واري ۽ مڪمل حڪمت عملي اختيار ڪرڻي آهي ته پوءِ فوجي ڪارروائين سان گڏ سياسي ڳالهين، عوامي اعتماد ۽ ٻين پرامن طريقن کي به برابر اهميت ڏيڻ لازمي آهي پاڪستان، خاص ڪري بلوچستان ۾ جيڪي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون دهشتگرديءَ ۾ شامل آهن انهن مان ڪجهه اهڙا به ٿي سگهن ٿا، جيڪي ڪوڙي ۽ بي بنياد پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي گمراهه ٿي ويا هجن جيڪڏهن انهن سان رابطو ڪيو وڃي ڳالهه ٻولهه جو رستو اختيار ڪيو وڃي ۽ انهن جا خدشا ٻڌا وڃن ته ممڪن آهي ته اهي وري صحيح واٽ تي موٽي اچن وزيراعظم شهباز شريف گذريل مهيني ڪوئيٽا ۾ ٿيل گرينڊ جرڳي کي خطاب ڪندي چيو هو ته بلوچستان جا اهي نوجوان، جيڪي دهشتگردن جي گمراهه ڪندڙ ڳالهين ۾ اچي انهن سان شامل ٿي ويا آهن، تن کي ٻيهر قومي ڌارا ۾ آڻيو ويندو هن اهو به چيو ته بلوچستان ۾ تڪرارن ۽ ڇڪتاڻ جو حل رڳو طاقت ۾ نه، پر ڳالهين ۽ ڊائلاگ ۾ به موجود آهي جيڪي ماڻهو بلوچستان جي مسئلي کي ويجهڙائيءَ سان ڄاڻين ٿا، اهي سمجهن ٿا ته اهو ڪو نئون مسئلو ناهي پر ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ مسئلو آهي جنهن جو حل رڳو طاقت جي زور تي ممڪن ناهي اڳوڻو صدر پرويز مشرف چوندو هو ته بلوچستان جو مسئلو رڳو ڪجهه سردارن جي ڪري آهي ۽ 2005ع ۾ نواب اڪبر بگٽي جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ اهو سمجهيو ويو ته هاڻي بلوچستان جو مسئلو به ختم ٿي ويندو پر حقيقت ۾ گذريل ويهن سالن دوران صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي وئي آهي. هاڻي معاملو رڳو ڪجهه سردارن تائين محدود ناهي رهيو پر دهشتگرد تنظيمون يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ نوجوانن کي به پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيون آهن بي اين پي (مينگل) جي سربراهه اختر مينگل جو خيال آهي ته بلوچستان جو مسئلو اهڙي نازڪ مرحلي تي پهچي چڪو آهي جتان واپسي ڏکي لڳي ٿي پر ان باوجود جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي ته اڄ به ان جو حل ڳولي سگهجي ٿو ان ڪري ضرورت اُن ڳالهه جي آهي ته سياسي اڳواڻ همت سان اڳتي اچن ٻين ڌرين کي به ڳالهين تي راضي ڪن ۽ بلوچستان ۾ امن، ڀائيچاري ۽ مفاهمت لاءِ باقاعده مهم شروع ڪن

برسات: ٿورو لکيو، گهڻو سمجهندا!


منل جسڪاڻي

ماڻهو سمنڊ يا درياهه ڪناري ويهي منظر ڏسندا آهن مون گهر جي دروازي تي ويهي برسات ڏٺي

ننڍي هوندي ٻڌو هئم وڏڙن جي واتان "انبلٽ ظاهر ٿي برسات وئي" تازين برساتن ۾ مون کي انبلٽ نظر نه آئي پوءِ به برسات بس ڪري وئي

ڳوٺن ۽ شهرن ۾ برسات جو ٻاهريون پاڻي اچڻ بند ته ٿيندو. ڳوٺن ۽ شهرن مان روزاني عام استعمال بعد گندو پاڻي نيڪال نه ٿيندو. ڳوٺن ۽ شهرن مان برسات جو پاڻي ٻاهر نه نڪرندو ته گهٽين سميت گهرن ۾ به پاڻي بيهندو هيلوڪي برسات جو پاڻي گهرن ۾ بيٺل سوشل ميڊيا ۽ خابرو ذريعن ڏيکاريو پاڻي بيهڻ جي ڪري جيت جراثيم ۽ انهن سبب بيماريون وڌنديون.. گهرن کي نقصان ٿيندو.. هڪ ڏينهن شام جو تيز هوا سان وسيل برسات کان پوءِ رات گذاري، معمول وانگر صبح سوير اٺون ته واڪ ڪرڻ لاءِ گهر مان نڪري، ٻاهر اچي ويو هئس پر گهٽيءَ جي صورتحال ۽ وسندڙ مينهن ڪٽين واپس ورايو..

هيل پڻ لياقت ڪالوني، ننڍي جام ۾ پڻ ٻاهريون پاڻي اچڻ بند ته ٿيو ليافت ڪالوني جو پنهنجو پاڻي نيڪال نه ٿيو هلڻ گهمڻ ته ڏکيو گهرن کي به خطرو.. چڙواڳ، ڇيڇون، ڇيڳرن کي ڇڏيو. پنهنجي صلاحيتن کي صحيح رخ ۾، سماج جي گهرج مطابق ڪتب آڻي پاڻ کي اهڙو ڄاڻو ۽ ڪارائتو ثابت ڪريو جو جتي ڪٿي اوهان جي ضرورت محسوس ٿئي

هر ڪو ته ڪنهن جي به عزت نه ڪندو آهي ماڻهو ته پنهنجي پاڻ کي به عزت نه بخشيندا آهن پر اوهان اهڙا ٿي پئو جو اوهان جي عزت ڪندڙ اوهان جو احترام ڪندڙ وڌندا رهن اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن اوهان جو هر عمل، اوهان جي هر دعا، سڀني لاءِ ساڳي هجي ته: شل هر ڪو پير تي هجي پير تي رهي، صحتمند ۽ سکيو گذاري. آمين چو ته: تون صرف تنهنجي لاءِ نه آهين تون منهنجي لاءِ به آهين. پاڻ هڪ ٻئي لاءِ به آهيون. پاڻ ٻين لاءِ به آهيون. پاڻ سڀ هڪ ٻئي لاءِ آهيون. سچ اهو ئي آهي اهو به سچ آهي ته وڻن جي ملڪي ٿيل هوندي آهي ته وڻ وڃائيندا ته آهن وڻ خوبصورت منظر پسائيندا آهن وڻ مسلسل وڌندا ويجهندا آهن ڪجهه ته ڪجهه ڏيندا رهندا آهن فطري سونهن وڌائيندا آهن فطرت سان هٽ وندائيندا آهن وڻ پوکيو، وڻ سنڀاليو، وڻ جي مدد سان موسمن تي ضابطو آڻيو ته بيشمار مسئلا مونجهارا ۽ ويڪون گهٽجي گهٽجي ختم به ٿي ويندو

ڏکيا مضمون مون کي نه وڻندا آهن لکڻ ته پنهنجي جاءِ تي پڙهڻ به نه پڄندا آهن ان هوندي به، ڪڏهن ڪڏهن خبر ئي نه پوندي آهي هڪ ئي ويهڪ ۾ ايترو لکجي ويندو آهي جيترو هڪ ويهڪ ۾ لاڳيتو پڙهڻ نه پڄندو آهيان اڄ جيترو لکجي سگهيو، اهو به ڪافي پيو سمجهان اوهان ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا جيڪڏهن ڪنهن جي نظر ۾ گهڻو لکجي ويو آهي ته اها ان جي سمجهه. هن موضوع تي ته ڪيترائي ڪتاب لکجي چڪا ۽ اڃا به لاتعداد ڪتاب لکڻ، ڇپرائڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ گهرجن

ڇا پيپٽي امتحان ۽ شاگردن لاءِ وڌندڙ چئلينج!

اقراءُ ڪماري

غربت جي شرح ۾ اضافو poverty rate:

روزگار نه ملڻ سبب ماڻهن جي آمدنيءَ جا ذريعا محدود ٿي وڃن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ غربت ۾ اضافو ٿئي ٿو جڏهن خاندانن وٽ مناسب آمدني موجود نه هجي، تڏهن خوراڪ، تعليم، صحت ۽ رهائش جهڙيون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. غربت نه صرف فرد جي زندگيءَ کي متاثر ڪري ٿي پر سماج جي مجموعي ترقيءَ کي به سست ڪري ٿي.

بيروزگاريءَ ۾ واڌ unemployment:

پاڪستان ۾ بيروزگاريءَ جي شرح ۾ واڌ هڪ اهم سماجي ۽ معاشي مسئلو بڻجي چڪو آهي. جڏهن ماڻهن کي سندن تعليم، قابليت ۽ مهارتن مطابق روزگار نٿو ملي، تڏهن اهي ذهني دٻاءُ، پريشاني ۽ مايوسيءَ جو شڪار بڻجي وڃن ٿا. روزگار جي کوٽ سبب ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا، جنهن سان سندن زندگيءَ جو معيار متاثر ٿئي ٿو. تعليم يا روزگار جي ميدان ۾ نوجوانن کي سندن صلاحيتن، محنت ۽ قابليت مطابق موقعا نٿا ملن ته انهيءَ جا اثر صرف فرد تائين محدود نٿا رهن پر سماج ۽ معيشت تي به پون ٿا. ڪيترائي شاگرد ۽ شاگرديائيون سالن تائين سخت محنت ڪن ٿا، اعليٰ نمبر حاصل ڪن ٿا ۽ پنهنجي قابليت ثابت ڪن ٿا پر جڏهن ڪين محدود سيٽن، سخت مقابلي ۽ انتظامي رڪاوٽن سبب اعليٰ تعليم يا روزگار جا موقعا نٿا ملن ته هو پاڻ کي ناانصافيءَ جو شڪار محسوس ڪن ٿا.

وقت سان گڏ جڏهن معاشري ۾ اهو تاثر پيدا ٿئي ٿو ته وڌيڪ وسيلن، مضبوط معاشي حيثيت يا اثر رسوخ رکندڙ ماڻهن کي وڌيڪ موقعا ملن ٿا ته ميرٽ ۽ برابريءَ واري نظام تي عوام جو اعتماد ڪمزور ٿيڻ لڳي ٿو. اهڙي صورتحال نوجوانن جي حوصلي، خود اعتمادي ۽ سماجي اعتماد تي به منفي اثر وجهي ٿي. اعليٰ تعليم ۽ ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود ڪيترائي نوجوان مناسب روزگار کان محروم آهن. سفارش، ڪرپشن، غير شفاف ڀرتيءَ جا طريقا ۽ محدود روزگار جا موقعا نوجوانن ۾ مايوسي ۽ بيچيني پيدا ڪن ٿا. اڄ جي تيز رفتار ۽ مقابلي واري دور ۾ نوجوان پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائڻ لاءِ سالن جا سال محنت ڪن ٿا. راتيون جاڳي پڙهائي ڪن ٿا ۽ مختلف مقابلي وارن امتحانن جي تياري ڪن ٿا. هو وڏي اميد ۽ حوصلي سان ٽيسٽن ۽ داخلا امتحانن ۾ حصو وٺن ٿا ته جيئن پنهنجي قابليت ۽ محنت جي بنياد تي اعليٰ تعليم يا روزگار جا موقعا حاصل ڪري سگهن پر افسوس جو ڪيترائي نوجوان، بهترين ڪارڪردگي ۽ سٺا نمبر حاصل ڪرڻ باوجود، ميرٽ سيٽن، روزگار جي کوٽ ۽ انتظامي چئلينجن سبب پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهن ٿا. اها صورتحال نه رڳو نوجوانن ۾ مايوسي ۽ ذهني دٻاءُ پيدا ڪري ٿي، بلڪ پاڪستان ۾ ڪين ميرٽ نه ملڻ بابت ڪجهه نوجوان شديد مايوسيءَ جي حالت ۾ خودڪشي جهڙا انتهائي قدم کڻڻ تائين پهچي وڃن ٿا، جيڪو نه صرف هڪ فرد پر پوري خاندان ۽ سماج لاءِ وڏو الميو هوندو آهي. پر تعليمي ۽ ڀرتي واري نظام جي شفافيت، برابري ۽ ڪارڪردگي بابت به ڪيترائي سوال اٿاري ٿي.

اڄ پاڪستان ۾ هزارين نوجوان مختلف ادارن ۽ مقابلي وارن امتحانن جهڙوڪ NTS، MDCAT، ECAT، CSS، PCS ۽ ٻين ٽيسٽن ۾ حصو وٺن ٿا. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن ۾ ڀرتيءَ لاءِ مقابلي وارا امتحان منعقد ڪري ٿي. هر سال هزارين نوجوان سالن جي محنت، تياري ۽ اميدن سان انهن امتحانن ۾ حصو وٺن ٿا. اميدوار سالن کان سخت محنت ڪندا اچن ٿا پر افسوس جو ڪين ميرٽ تي سيٽون نٿيون ملن. ڪيترن ئي ماڻهن جو اهو تاثر آهي ته بااثر ۽ امير ماڻهن جي سفارش يا اثر رسوخ سبب سيٽون ورهايون وڃن ٿيون، جنهن ڪري غريب ۽ محنتي اميدوارن سان ناانصافي ٿئي ٿي. اهي نوجوان ڏينهن رات محنت ڪن ٿا پر پوءِ به پنهنجي حق کان محروم رهن ٿا. اسان جي انتظاميه کان ادب سان درخواست آهي ته ڀرتيءَ جو عمل مڪمل شفافيت، انصاف ۽ خالص ميرٽ جي بنياد تي ڪيو وڃي، جيئن هر محنتي ۽ لائق اميدوار کي سندس حقدار سيٽ ملي سگهي ۽ سڀني سان برابر سلوڪ ڪيو وڃي. جڏهن محنت ڪندڙ نوجوان پنهنجي قابليت ۽ بهتر ڪارڪردگيءَ باوجود موقعن کان محروم رهن ٿا، تڏهن ڀرتيءَ واري نظام جي شفافيت، ميرٽ جي عملداري ۽ برابر موقعن بابت سوال پيدا ٿين ٿا. هڪ بهترين نظام اهو آهي، جتي هر اميدوار انهن مان ڪيترائي اميدوار بهترين نمبر ۽ اعليٰ ڪارڪردگي باوجود به محدود سيٽن يا سخت مقابلي سبب داخلا يا نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿا ٿين. اهو مسئلو صرف تعليمي ادارن تائين محدود ناهي پر يونيورسٽين، سرڪاري نوڪرين، نجي شعبي ۽ ٻين روزگار جي ميدانن ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪيترائي نوجوان BA، BS، MSc ۽ MPhil سميت اعليٰ ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود به ڊگهي عرصي تائين بيروزگار رهن ٿا.

روزگار جا محدود موقعا، آباديءَ ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ واڌ، معاشي چئلينج، صنعتن جي محدود واڌ ۽ مهارتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن ۾ فرق هن مسئلي کي وڌيڪ پيچيده بڻائي رهيا آهن. تعليمي ادارا، حڪومتي ادارا ۽ سماج گڏجي اهڙو نظام قائم ڪن، جتي هر نوجوان کي برابر موقعا حاصل هجن ۽ هو پنهنجي صلاحيتن کي ملڪي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهي. نوجوانن جي ذهني صحت، اميدن ۽ مستقبل کي محفوظ بڻائڻ سان ئي هڪ مضبوط، ترقي يافته ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير ممڪن بڻجي سگهندي.

ذهني دٻاءُ، ڊپريشن ۽ پريشاني:

بيروزگاري نوجوانن ۽ تعليم يافته ماڻهن ۾ ذهني دٻاءُ، پريشاني، بيچيني ۽ ڊپريشن پيدا ڪري سگهي ٿي. خاص طور تي اهي نوجوان، جيڪي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ به روزگار حاصل نٿا ڪري سگهن، مستقبل بابت غير يقيني صورتحال ۽ مايوسيءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. ذهني صحت جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ ۽ مناسب نفسياتي سهائتا فراهم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.

صلاحيتن ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي Loss of Skills and Productivity:

جڏهن تعليم يافته نوجوان ڊگهي عرصي تائين بيروزگار رهن ٿا، تڏهن سندن مهارتون، علم ۽ پيشاور صلاحيتون مڪمل طور استعمال نٿيون ٿي سگهن. اهڙي صورتحال انساني وسيلن جي ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي، جنهن سان نه صرف فرد پر ملڪي معاشي ترقي ۽ پيداوار پڻ متاثر ٿئي ٿي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 05 آگسٽ

پير علي محمد راشدي

اڄ سنڌ جي مشهور دانشور، صحافي ۽ سياستدان پير علي محمد راشديءَ جي جنم جو ڏينهن آهي پير صاحب جي ولادت 5 آگسٽ 1905ع تي پير حامد شاهه راشديءَ جي گهر ۾ ٿي وقت جي استادن ۽ عالمن کان نجي طور تي سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين 1920ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪيائين سندس ڪيترائي مضمون اخبارن جي زينت بڻيا 1924ع ڌاري "الراشد" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائين ان بعد مختلف اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين، جن ۾ "الحرب شڪارپور"، "الامين سکر"، "سنڌ زميندار"، "ستاره سنڌ"، "صبح سنڌ"، "مسلم وئيڪس"، "قرباني"، "سنڌ آبزرور" ۽ "ايسٽرن ايڪسپريس" شامل آهن هن مختلف سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڪالم نگار طور به تمام گهڻي مشهوري ماڻي پاڻ آل پاڪستان نيوز پيپرس ايڊيٽرس ڪانفرنس جو ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي اخباري ايڊيٽرن جي تنظيم جوائنٽ پريس ڪميشن جو صدر پڻ رهيو صحافت سان گڏ سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ به اڳڀرو رهيو 1926ع ۾ "انجمن سادات راشد" جو بنياد رکي ان جو سيڪريٽري مقرر ٿيو 1933ع کان 1936ع تائين ضلعي اسڪول بورڊ لاڙڪاڻي جو ميمبر رهيو 1934ع ۾ سَر شاهنواز ڀٽي سان گڏجي "پيپلز پارٽي" ۽ 1936ع ۾ ڪجهه ساٿين سان ملي "سنڌ اتحاد پارٽي" جو بنياد رکيائين 1938ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري هلچل ۾ به حصو ورتائين 1946ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ کيس روينيو ۽ صحت جو صوبائي وزير چونڊيو ويو ان بعد به مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ ۾ رهيا. هن فلپائين ۽ چين ۾ پاڪستان جي سفير جي حيثيت ۾ به ڪم ڪيو هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ Suffering of Sindh، فريادِ سنڌ، روداد چمن (اردو)، ون يونٽ کي ڪهاڻي (اردو)، خط ۾ مضمون، چين جي ڊائري، "امام انقلاب مولانا عبيد الله سنڌي"، "رند ۽ پنڌ"، "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۽ Sindh-Ways and Days شامل آهن هن 14 مارچ 1987ع تي وفات ڪئي

گوبند مالهي



اڄ هند ۽ سنڌ جي برک اديب ۽ دانشور گوبند مالهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو هو هڪ ئي وقت هڪ وڏو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نويس، هدايتڪار، اداڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو سچو عاشق هو. هن جو جنم 05 آگسٽ 1921ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ٺاروشاهه ۾ هڪ وڏي زميندار گهراڻي ۾ ٿيو اڃا ننڍو ئي هو جو سندس ماءُ وفات ڪري وئي ان ڪري هن جي پرورش سندس ڀڻيءَ ڪئي ابتدائي تعليم ٺارو شاهه مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان 1939ع ۾ ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين 1941ع ۾ سياست ۾ پير پائيندي ... هندستان ۾ به قائم ڪيو گوبند مالهيءَ ٽيهارو کن ناول لکيا، جنهن ڪري کيس ناول سمراٽ جو خطاب ڏنو ويو. هن 52 ڪتاب لکي سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو هو هڪ وڏو ناٽڪ نگار ۽ ناٽڪ ڊائريڪٽر پڻ هو هن ڊاڪٽر سنڌيا ڪندناڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين ادب دوست ساٿين سان ملي "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جو بنياد وڌو ۽ پاڻ ان جو پهريون سيڪريٽري بڻيو. گوبند مالهي ۽ سندس ساٿين جي اڻٿڪ ڪوشش سان 1967ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو مليو 1989ع ۾ هو سنڌ گهمڻ آيو ۽ 1993ع ۾ "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ" جي نالي سان سفرنامو لکيائين هن پنجن جلدن تي مشتمل پنهنجي آتم ڪٿا به لکي سنڌي ٻوليءَ جي هن سجڻ 10 فيبروري 2001ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو.

رڪ سنڌي

اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافي رڪ سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو غلام اصغر ولد غلام جعفر منگي آهي ۽ هن جو جنم 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊيارو ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ حامد اڄڻ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ڪنڊيارو مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي ايس سي جي سند حاصل ڪيائين هن 1990ع ڌاري "روزاني عوامي آواز" جي سب ايڊيٽر طور صحافت ۾ پير پاتو ان بعد روزاني سنڌ سجاڳ ۽ جاڳو جو ايڊيٽر رهيو ان کان علاوه روزاني سچ روزاني سوڀ ۽ روزاني تعميرِ وطن سان به لاڳاپيل رهيو هن جا مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبجندا رهيا آهن هن 13 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن

دليپ ٽيڪچندائي ساز

هو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار جو جنم 5 آگسٽ 1966ع تي هندستان جي شهر احمدآباد ۾ ٿيو هن بي ايس سي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي ادب سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس هو اڃا پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هو، جڏهن سندس پهرين مزاحيه ڪهاڻي "ٻوٽي ٻابي" قلمواٽي رسالي ۾ شايع ٿي شاعريءَ ۾ ساز تخلص اختيار ڪندو هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سدا جيئي سنڌي" (ناٽڪ)، "پل پل جا پور" (شاعري)، "مور نه وسران سنڌ"، "مان دٻئي وينس" (ناٽڪ)، "ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جون بهترين ڪهاڻيون" ۽ "گلجار رشتو" (ڪهاڻيون) شامل آهن هن 22 نومبر 2020ع تي هي جهان ڇڏيو

سحر رضوي

اڄ مشهور شاعره، ڪالم نويس ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ سحر رضوي پنهنجي

مختيار اٽ

مختيار اٽ

ڪاليج موري مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين هن ننڍي ڄمار ۾ ئي ادبي ميدان ۾ پير پاتو سندس پهرين شاعري روزاني عوامي آواز اخبار ۾ ڇپي هئي ان بعد سندس شاعري، ڪالم ۽ ڪهاڻيون وغيره سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجنديون رهيون شاعريءَ ۾ سندس لڪيل آزاد نظم خاص طور تي ساراهيا ويا آهن هن سياسي سرگرمين ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتو هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪاليج واري زماني ۾ سنڌ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت سان ڪئي ان بعد پاڻ سنڌ دوست تنظيم جو حصو رهي 1993ع کان 2008ع تائين سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين هن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ هميشه آواز اٿاريو آهي ۽ ڪالم لکيا آهن

نصير ميمڻ



سنڌ جي هن نامور دانشور ۽ تجزيي نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1970ع ۾ پاٽ شريف ۾ ٿيو ادبي دنيا ۾ هو نصير سارنگ جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو هن مين پرائمري اسڪول پاٽ شريف مان پرائمري تعليم حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان علامه آءِ آءِ قاضي هاءِ اسڪول پاٽ مان پاس ڪيو پارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين ۽ اڳتي هلي سول انجنيئرنگ جي سند مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڄامشوري مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پهريائين ليڪچرار ۽ پوءِ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪيائين ان بعد مختلف بين الاقوامي ادارن ۾ پراجيڪٽ ليڊ ۽ ڪنسلٽنٽ طور ڪم ڪندو رهيو آهي نصير ميمڻ 1987ع ڌاري ادبي ۽ صحافتي سفر جي شروعات ڪئي هن آبهوا جي تبديلي قدرتي آفتن، انساني ترقي پاڻيءَ جي ورچ ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي 20 کان وڌيڪ ڪتاب ۽ بيشمار ڪالم لکيا آهن

ذوالفقار علي خاصخيلي



اڄ مشهور راڳيءَ ذوالفقار علي خاصخيليءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو مشهور راڳيءَ الهڏني خاصخيليءَ جو پٽ آهي هن جو جنم 5 آگسٽ 1974ع تي ننڍي الهيار ضلعي جي ڳوٺ پاڪ سنگهار ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول مبارڪ جروار مان ۽ انٽر جو امتحان ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار مان پاس ڪيائين راڳ جي سکيا

جاٿو هن سموري تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ ڊگري ڪليج لاڙڪاڻي مان بي ڪام جي سند حاصل ڪئي ڪرڪيٽ کيڏڻ جو ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس هن کي 2019-20ع واري قائداعظم ٽرافيءَ واري ٽورنامينٽ ۾ سنڌ ڪرڪيٽ ٽيم پاران کيڏڻ جو موقعو مليو، جنهن ۾ هن هڪ بالر طور شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. انهيءَ ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي 2021ع ۾ پاڪستان سپر ليگ جي مقابلن ۾ ملتان سلطان پاران کيڏڻ جو موقعو مليس جولاءِ 2022ع ۾ هن لنڪا پريمئر ليگ ۾ جافنا ڪنگس پاران حصو ورتو ان کان اڳ 2021ع ۾ زمبابوي ۽ ويسٽ انڊيز سان ٽيسٽ سيريز کيڏڻ لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جو حصو رهيو ساڳئي سال نيوزيلينڊ خلاف ون ڊي سيريز ۾ به سندس نالو شامل رهيو هو 2021ع واري آءِ سي سي ٽي-20 ورلڊڪپ کيڏڻ واري ٽيم ۾ شامل رهيو ان بعد به مختلف بين الاقوامي ڪرڪيٽن جي مقابلن ۾ کيڏيندو رهيو آهي

ڪلا پرڪاش

جڏهن به سنڌي ادب ۾ سنڌي نارين جي ڪردار جي ڳالهه ٿيندي ته انهن ۾ هند ۽ سنڌ جي ناميارين ليکڪا ڪلا پرڪاش جو نالو مٿاهين مقام تي نظر ايندو سنڌ جي دل ڪراچيءَ ۾ جنم وٺندڙ هن ناميارين ناريءَ جو جنم 2 جنوري 1934ع تي ٿيو اڃا هوءَ ٻارهن تيرهن ورهين جي مس هئي ته هندستان جي ورهاڱي جو اعلان ٿي ويو ۽ سنڌ جي هندو آباديءَ کي پنهنجي اباڻي وطن جا ڪک ڇڏي هندستان طرف هجرت ڪرڻي پئي هن لڏپلاڻ ڪلا جي ذهن ۽ سوچ کي لوڏي وڌو سندس حساس طبيعت پنهنجي وطن کان وڇوڙي جي پيڙا کان تمام گهڻو متاثر ٿي ۽ انهيءَ ئي پيڙا جي اظهار کيس هڪ عظيم ليکڪا بڻائي ڇڏيو هن مئٽرڪ جو امتحان ڪي جي ڪلناڻي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو ۽ ممبئيءَ جي مشهور جئه هند ڪاليج مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي 1977ع تائين هڪ سرڪاري اداري ۾ آڊيٽر طور ڪم ڪيائين پر انهيءَ نوڪريءَ ۾ سندس من کي شانتي نه ملي ۽ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪري سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو 1954ع ۾ سندس وهانءُ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور شاعر ۽ اديب موتي پرڪاش سان ٿيو 1980ع ۾ هوءَ پنهنجي گهر واري سان گڏ دبئي منتقل ٿي وئي گهر واري جي رٽائر ٿيڻ بعد هن جو خاندان هندستان جي شهر اديپور ۾ اچي آباد ٿيو ڪلا جي پهرين ڪهاڻي "ڪوهي بيلوهي" 1953ع ۾ نئين دنيا رسالي ۾ شايع ٿي ان کان پوءِ هن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون اُن وقت جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون انهن رسالن ۾ نئين دنيا، سپون، ڪونج، رچنا ۽ هندواسي شامل آهن هن پلاڙي پٽ ڏٺي ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ تي به ڪيترائي اهم مضمون لکيا، هن ڪيترائي شاهڪار ناول لکيا، جن ۾ هڪ دل هزار ارمان (1954ع)، شيشي جي دل (1960ع)، حياتي هوتن ريءَ (1975ع)، وقت- وقت- وقت- (1988ع)، آرسيءَ آڏو (1992ع)، پکن جي پريت (1998ع)، سمنڊ ۽ ڪنارو (2004ع) ۽ اوڪا ٻنڌ

بقايا 1 | روزاني عبرت

۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٽيل فائرنگ ۾ 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا، فائرنگ ۾ زخمي ٿيل 8 ورهين جو ٻارڙو عبدالرحيم گڏاڻي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، جڏهن ته زخمين ۾ جمال الدين گڏاڻي، عبدالحميد گڏاڻي، امداد گڏاڻي، محمد بخش گڏاڻي ۽ واٿهڙو ڪاشف مهر شامل آهن، جن کي علاج لاءِ سکر ۽ گهوٽڪي جي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس وڏي نفري سان واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آندو، جڏهن ته ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو جي اڳواڻي ۾ پوليس مظاهرين سان ڳالهيون جاري رکيون، ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ميراڻي برادري جي ماڻهن جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪري ڪڙو ڇاڙهي سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو علائقي ۾ سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي، ٻارڙي جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي، جڏهن ته گڏاڻي برادري جي ماڻهن واقعي خلاف خانپورمهر– خانڳڙهه روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو، احتجاج ڪندڙن ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، پوليس موجب جهيڙو پراڻي تڪرار جو نتيجو آهي، واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي تيز ڪئي وئي آهي

بقايا 2 | روزاني عبرت

ٿاڻي تي هڪ ٻئي خلاف اين سيون داخل ڪرائي ڇڏيون آهن پوليس زخمين کي علاج لاءِ سول اسپتالنوشهروفيروز منتقل ڪيو جڏهن ته جهيڙي جو ڪارڻ پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا 3 | روزاني عبرت

تي احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اصغر علي لنڊ رات جو اسان جي گهر جي پٽ ٽپي منهنجي نياڻي تهمينه سان زيادتي ڪئي آهي جنهن جي اسان ايف آئي آر به داخل ڪرائي آهي جنهن ڪان پوءِ اسد علي . ميهار ۽ نظير اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن جن مان جاني نقصان جو خطرو آهي هنن چيو ته سامهون واري ڌر بااثر آهي ۽ اسان تمام غريب آهيون تنهنڪري اسان جي ڪير به نٿو ٻڌي انصاف لاءِ هتي پهتا آهيون بااثر ڪيس تان هٽ ڪرڻ لاءِ مختلف هربا استعمال ڪري پريشان ڪري رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته ڌڪيءَ سان زيادتي ڪندڙ جوابدار ۽ ڌمڪيون ڏيندڙن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 4 | روزاني عبرت

خيرپور ضلعي جي ٻن تعلقن گمبٽ ۽ صوبوديرو ۾ ضمني چونڊ لاءِ 8 اميدوار ميدان ۾ لعل آهن جن ۾ اسفنديار خان ڪرل پاڪستان پيپلز پارٽي جو اميدوار جڏهن باقي ست اميدوار آزاد جن ۾ شاهه حسين ڪرل ،راحيل ڪريم ڪرل،سيد فهد حسين شاهه جيلاني ،سيد تصوير مهدي حسن شاهه،انجنيئر محمد موسي ٻرڙو،ايڊووڪيٽ غلام علي اڄڻ ،غلام عمر مجموعي طور اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو ، جڏهن پي ايس 30 جي تعلقي گمبٽ ،سوڀوديرو تڪ تي 163 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ 63 انتهائي حساس، 68 حساس ۽ 32 نارمل قرار ڏنا ويا آهن.جڏهن ته پي ايس 30 تڪ جي حلقي ۾ 2 لک 54 هزار 980 رجسٽرڊ ووٽر پنهنجو حق راءِ استعمال ڪندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پولنگ اسٽيشنن تي سي ٽي وي ڪيمرن جي تنصيب لاءِ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي سان مڪمل رابطو ۽ تعاون جاري آهي.ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ موجب چونڊ انتظامن، پولنگ اسٽيشنن جي دورن، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ٻين اهم معاملن تي ذاتي نگراني ڪئي ويندي، جڏهن ته گذريل چونڊن جي تجربن کي به مدنظر رکندي منصوبابندي ڪئي وئي آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جو چوڻ آهي ته پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي پوليس چونڊ سيڪيورٽي لاءِ ايمرجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي ۽ رينجرز ۽ ضلعي انتظاميه جي تعاون سان پرامن ماحول ۾ چونڊ جي انعقاد لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر خيرپور عطا الله بروهي، ڊي آءِ بي انچارج خيرپور علي گل ملاح، ڊائريڪٽر اسڪولز حافظ شهاب الدين انڊڙ سيپڪو پي پي ايچ آءِ، نادرا، ڪاليج ايجوڪيشن، محڪمه اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن پي ايس 30 تي موجود رهندا

بقايا 5 | روزاني عبرت

صدر غلام قادر دل . عبدالستار گراٽو . شڪور ڪنڀار ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بي سيڪشن پوليس بناجواز نوجوان غلام نبي ڪنڀار کي گرفتار ڪري چار ڏينهن کان گم ڪري ڇڏيو جنهن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان عدالتي ڇاپو هڻايو جنهن کان پوءِ پوليس ڪوڙو ڪيس داخل ڪري نوجوان کي ظاهر ڪيو آهي بي سيڪشن پوليس پ پ پ ورڪرن خلاف ڪارروايون ڪري ناانصافي ڪري رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته پ پ پ ورڪرن جي بنا جواز گرفتاري تي چپ ڪري نه ويهنداسين نوجوان تان ڪوڙو ڪيس ختم نه ڪيو ويو ته سياڻ اربع جي ڏينهن شام جو پوليس خلاف احتجاجي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا 6 | روزاني عبرت

وڪٽي پنهنجا ٻچا پاليندو آهي ، ٽرئي جادو شهيد پوليس مبينا طور 200 کان 300 سو روپيا رشوت گهري ته ڏيڻ جي صورت ۾ ٿاڻي جي وڏي منشي سرور قمبراڻي ۽ پوليس اهلڪار عاشق ٻير تنهن اس ۾ گڏهه گاڏي پٽيان رومال سان هٿ پير ٻڌي ٿاڻي جي اڳيان 2 ڪلاڪ ويهاري ڇڏيو ، جنهن جي وڊيو وائرل ٿيڻ بعد وڪيل نور نبي جمالي جي مداخلت تي ڇڏيو ويو ، جيڪا مون غريب سان وڏي ناجائزي آهي ، هوڏانهن علائقي واسين ، سماجي حلقن ۽ پورهيت ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر پورهيت سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 | روزاني عبرت

نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ٻن عورتن سميت 4 ڄڻا نظير احمد . مسمات ساماڻي . مسمات ناديه ۽ 3 سالا ٽينگر محمد رئيس سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان نظير احمد کي وڌيڪ علاج لاءِ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو.

بقايا 8 | روزاني عبرت

منتقل ڪري ڇڏيو.مقتول جي جسم تي سخت تشدد جا نشان هجڻ سبب قتل جو واقعو علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ ڦهلائي ڇڏيو مقتول جي پائيتي محمد اقبال سومرو چيو ته سندس چاچو امن پسند شخص هو ڪنهن سان به دشمني نه هئي محمد اقبال سومرو جو مطالبو بيگناهه نور محمد سومرو جي قاتلن کي جلد گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي بلڙي شاهه ڪريم پوليس موجب پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد نامعلوم جوابدارن خلاف جاچ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.نور محمد سومرو جي قتل واري واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر وارثن پاران شفاف جاچ ۽ انصاف جو مطالبو

بقايا 9 | روزاني عبرت

ويا . اطلاع تي پوليس پهچي واقعي واري هنڌ جو جائزو ورتو ٻڌايو وڃي ٿو ته اڳاري جي رات دير سان نامعلوم چور ايجنسي جا تالا ٽوڙي اٽڪل چار روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ڪان پوءِ وڃڻ مهل پاڻ سان آندل تالو ايجنسي جي دروازي کي لڳائي فرار ٿي ويا . پوليس مطابق ته چوري جي اهڙي واردات جي ڳهڻ رخي جاچ ڪئي پيئي وڃي .

بقايا 10 | روزاني عبرت

نينگري بروقت فوت ٿي وئي انهي واقعي پيش اچڻ سان قافلي جي شرڪاءَ ۽ آس پاس جي ماڻهن ۾ غم ۽ لهر دوڙي وئي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي وئي جنهن واقعي جي تحقيقات شروع ڪري ڏني

بقايا 11 | روزاني عبرت

۾ پاڻي، بجلي ۽ ٻيا ترقياتي منصوبا فوري مڪمل ڪرڻ جون هدايتون، عوامي رليف اولين ترجيح قرار حڪومت سنڌ جي ترجمان ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر هير سوهو جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سجاول ۾ ترقياتي منصوبن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون شاهد نظير لنڊ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ضلع ڪائونسل، ڊرينيج، حيسڪو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ انجنيئرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تعلقي ميرپور بٺوري ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو هير سوهو ميرپور بٺوري جي شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته آبادگارن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کان بچائڻ لاءِ پاڻي جي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي هن اپر پنياري جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي اجلاس ۾ غيرحاضري تي سخت نوٽيس وٺندي سندس خلاف وضاحت طلب (ايڪسپليشن) جاري ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سيڪريٽري آبپاشي ڏانهن مراسلو موڪلڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون اجلاس دوران حيسڪو اختيارين کي هدايت ڪئي وئي ته تعلقي ميرپور بٺوري جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ بجلي جي پولن ۽ تارن جي لڳائڻ وارو رهيل ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي بهتر بجلي جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ضلع ڪائونسل جي انجنيئر کي پڻ هدايت ڪئي وئي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو فيملي پارڪ جو التوا هيٺ آيل منصوبو جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي بهتر تفريحي سهولتون مهيا ٿي سگهن هير سوهو سيني لاڳاپيل آفيسرن ۽ انجنيئرن کي زور ڀريو ته جاري ترقياتي منصوبا جلد مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي ان موقعي تي لاڳاپيل انجنيئرن مختلف جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا 12 | روزاني عبرت

(ڪمر پرسان) گولي لڳڻ جو ننڍو نشان، جڏهن ته سيني تي وڏو نشان موجود هو جنهن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته گولي پنيان کان هڻي وئي ۽ سامهون کان نڪري وئي. پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب لاش ڦولي چڪي هئي ۽ چهرو تمام گهڻو خراب حالت ۾ هو. جڏهن ته پراڻي لاش هجڻ سبب ڪيترين ئي جڳهين تان چمڙي به متاثر ٿي وئي هئي ايم ايل او ذريعن موجب چهري جي خراب ٿيڻ جا سبب مٽي جي تفصيلي جاچ سان معلوم ٿي سگهن ها، جڏهن ته لاش جي ساڄي هٿ تي به ڪجهه مشڪوڪ نشان مليا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته تصويرن ۾ نوڙيءَ جي هيٺان به هڪ زخم نظر اچي رهيو آهي. ۽ جيڪڏهن پوسٽ مارٽم ڪنهن سينيئر آفيسر جي نگرانيءَ ۾ ڪيو وڃي ها ته صورتحال مختلف ٿي سگهي ٿي ٻئي طرف جاچ ڪندڙن 29 جولاءِ صبح 8 وڳي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪچرو گڏ ڪندڙ شخص کي واقعي واري هنڌ ايندي ڏٺو ويو آهي. جاچ اختيارين موجب مشڪوڪ شخص لڳ ڀڳ اڌ منٽ تائين واقعي واري هنڌ موجود رهيو، ۽ شبهو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ممڪن آهي ته واردات ۾ استعمال ٿيل هٿيار اهو ئي شخص اتان کڻي ويو هجي. واضح رهي ته مير رضا علي جي لاش 29 جولاءِ تي صبح 11 وڳي کان پوءِ ملي هئي، جڏهن ته پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان مشڪوڪ شخص جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ مصروف آهي، جڏهن ته مير رضا علي جي موبائل ڊيٽا جو رڪارڊ ۽ فارنزڪ رپورٽ حاصل ڪري ورتي آهي، جڏهن ته جاچ کي هر پهلو کان اڳتي وڌايو پيو وڃي.جاچ ڪندڙ اختيارين موجب 28 جولاءِ جي رات مير رضا علي پنهنجي هڪ دوست کي پيغام موڪليو هو. اختيارين جو چوڻ آهي ته مير رضا جي مڪمل ميڊيڪل رپورٽ اڃا تائين حاصل ناهي ٿي، جڏهن ته ابتدائي ميڊيڪل رپورٽ ۾ موت جو سبب گولي لڳڻ ٻڌايو ويو آهي وارث ابتدائي ميڊيڪل رپورٽ سان مطمئن ناهن ۽ سندن دعويٰ آهي ته مير رضا جي جسم تي تشدد ۽ ساڙ جا نشان پڻ موجود آهن.جيڪڏهن خاندان ٻيهر ميڊيڪل جاچ ڪرائڻ جي درخواست ڪندو ته اها پڻ ڪرائي ويندي. جاچ دوران آن لائين ٽيڪسي ڊرائيورن. لاش بابت پهريون اطلاع ڏيندڙ شخص سميت 15 ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن اختيارين موجب مير رضا علي جي موت خودڪشي هئي يا قتل، ان بابت هر پهلو کان باريڪي سان جاچ جاري آهي. جاچ موجب مير رضا علي پنهنجي هڪ دوست کان 3 ڪروڙ رپيا اوڌر گهريا هئا ۽ کيس پيغام ۾ ٻڌايو هو ته هو وڏي مشڪل ۾ آهي ۽ کيس رقم جي سخت ضرورت آهي موبائل ڊيٽا جي رڪارڊ مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته مير رضا مختلف ماڻهن جو قرضدار هو. اختيارين موجب سندس منگيتر رات 3 وڳي 10 منٽن کان 3 وڳي 50 منٽن تائين لڳاتار پيغام موڪليندي رهي، پر مير رضا ڪنهن به پيغام جو جواب نه ڏنو

بقايا 13 | روزاني عبرت

چهلم نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ مرڪزي امام بارگاهه غريب آباد مان ماتمي جلوس برآمد ٿيو جيڪو شڪارپور روڊ، بئراج روڊ، گهنٽا گهر اسٽيشن روڊ، حسيني روڊ ۽ ٻين روايتي رستن تان گذرندي واپس مرڪزي امام بارگاهه پهچي اختتام پذير ٿيو ماتمي جلوس ۾ ذوالجناح ۽ علم پاڪ جا جلوس پڻ شامل هئا، جڏهن ته عزادارن سيني ڪوبي ۽ زنجير زني ذريعي حضرت امام حسينؑ ۽ شهيدن ڪربلا کي پيتا پيش ڪئي گهنٽا گهر چوڪ ۽ امام بارگاهه ۾ منعقد ڪيل مجلسن دوران ذاڪرن شهيدن ڪربلا جي سيرت، پاڪيزه ڪردار ۽ فلسفي شهادت تي تفصيلي روشني وڌي، ضلعي انتظاميا طرفان ماتمي جلوس جي حفاظت لاءِ سخت ترين سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا. شڪارپور روڊ، بئراج روڊ، غريب آباد، گهنٽا گهر پاڻي منڊي، شهيد گنج، ڪرن بيڪري ۽ جلوس جي سمورن رستن تي ٽريڪٽر ٽرالين، ڪنٽيدار رڪاوٽن ۽ ٻين بندوبستن ذريعي رستا هر قسم جي گاڏين ۽ پيادل ماڻهن لاءِ مڪمل طور بند ڪيا ويا، جڏهن ته پوليس جا وڏي انگ ۾ اهلڪار مقرر ڪيا ويا. جلوس جي رستن تي واقع دڪان پڻ بند ڪرايا ويا. سيڪيورٽي انتظامن سبب اهم شاهراهن جي بندش ڪري سکر ۽ ٻاهرين شهرن مان خريداري لاءِ ايندڙ ماڻهن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو.

بقايا 14 | روزاني عبرت

مزدور اڳواڻ واحد خان ۽ شاهين خان، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ظفر ٻرڙو، وائيس چيئرمين عبدالله شيخ، يونٽ صدر زبير پٽي ۽ ٻين نمائندن پڻ شرڪت ڪئي، جن عوام ۾ ايچ آءِ وي بابت شعور پيدا ڪرڻ ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي ڏيڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي ايم ايس ڊاڪٽر ظفر علي قائمخاني چيو ته سوشل سيڪيورٽي ۾ ايچ آءِ وي جي روڪٿام لاءِ جديد ۽ بهترين انتظام ڪيا ويا آهن. جڏهن ته گهڻا ڪيس سوشل سيڪيورٽي جي دائري کان ٻاهر وارن علائقن مان اچي رهيا آهن. هن چيو ته اسان اهڙن مريضن جي تشخيص ڪري پنهنجي خرچ تي سندن علاج پڻ ڪري رهيا آهيون.ڊاڪٽر ظفر قائمخاني وڌيڪ چيو ته ايڊز لاعلاج بيماري ناهي، ان جو علاج موجود آهي هن ٻڌايو ته ليبر منسٽر سعيد غني، ڪمشنر هادي بخش ڪلهوڙو ۽ ميڊيڪل ايڊوائيزر ڊاڪٽر ڪامران اعوان جي خاص هدايتن تي هر ورڪر جي هنگامي بنيادن تي ايچ آءِ وي اسڪريننگ ڪري علاج شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هن بيماري بابت باقاعده آگاهي مهم پڻ هلائي پئي وڃي.ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر ظفر علي قائمخاني ۽ مزدور اڳواڻن پڻ پنهنجا ايچ آءِ وي ٽيسٽ ڪرائي عوام کي اهو پيغام ڏنو ته بروقت جاچ ڪرائڻ سان بيماري جي سڃاڻپ ۽ علاج ممڪن آهي.

بقايا 15 | روزاني عبرت

اجتماعي زيارت اربعين ۽ دعاءِ اربعين پڙهي ادا ڪئي وئي. انتظاميا طرفان اربعين واڪ ۽ مشي جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار وڏي انگ ۾ مقرر ڪيا ويا. واضح رهي ته ڪجهه سال اڳ ڪورونا وبا سبب ايران ۽ عراق نه وڃي سگهندڙ عزادارن لاءِ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ اربعين واڪ (مشي) جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو جيڪو هاڻي هر سال باقاعدگي سان جاري آهي. اربعين واڪ (مشي) ۾ شرڪت ڪندڙ عزادارن ۽ قافلن جي خدمت لاءِ مختلف شيعه تنظيمن ۽ مؤمنين طرفان شاهراهن تي لنگر، شربت ۽ پاڻي جون سبيلون قائم ڪيون ويون، جتي عزادارن جي ڀرپور خدمت ڪئي وئي.

بقايا 16 | روزاني عبرت

يونس سولنگي ۽ ٻيا ڦهتا مقتولين جي ڌر طرفان ب پ اڳواڻ محمد اشرف سولنگي کي سٽي موٽ ڏيندي چيو ته بروهي ڌر پنهنجو فصل وڃ وارن معرفت ڪڻ ۽ بروهي ڌر بند ڪيل واٽر ڪورس کولي ڇڏيو آهي جنهن بعد ڌرين ۾ ڇڪتاڻ گهٽجڻ بعد وڌيڪ معاملا بعد ۾ حل ڪيا ويندا محمد اشرف سولنگي ۽ غلام دستگير گورڙ چيو ته هن دفعي اسان پر اميد آهيون ته ڌرين جو راجوڻي تبيرو ڪري علائقي جو امن بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 17 | روزاني عبرت

صدر محمد يونس راڄپڙ جنرل سيڪريٽري فقير علي نواز سولنگي، خادم حسين مري، شاهد خانزاده، امتياز علي سومرو، فقير ميهر علي ٻهڻ ۽ راجا رجب سمون ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته صحافي خليل اعوان کي ڪوريج دوران هالاڻي جي مقامي وڏيري معروف هاليپوٽو پنهنجي ساٿين سميت مٿس حملو ڪيو، جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو زخمي صحافي کي علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو. هنن چيو ته صحافي سماج جي مسئلن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ جو اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، پر افسوس جو کين پنهنجي پيشيورانه ذميوارين دوران حملن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن الزام هنيو ته واقعي کي ٽي ڏينهن گذرڻ باوجود هالاڻي پوليس نه ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ نه ئي جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي جيڪڏهن فوري طور ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته ايس ايس پي آفيس نوشهرو فيروز آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 18 | روزاني عبرت

نموني اختتام پذير ٿي ويو حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جانثار ساٿين جي عظيم قربانين کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ چهلم شهداءِ ڪربلا نهايت مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان موقعي تي عزادارن حضرت امام حسين عليه السلام جي لازوال قرباني، حق ۽ سچائي، صبر ۽ استقامت ۽ دين اسلام جي سربلندي خاطر ڏنل بي مثال قربانين کي ياد ڪندي کين زبردست پيتا پيش ڪئي. بدين شهر ۾ مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهه ڪاشانه زينبيه مان مجلس عزا کان پوءِ برآمد ٿيو جڏهن ته ضلعي جي مختلف علائقن مان حضرت امام حسين عليه السلام جي عزادارن جا پيادل ماتمي قافلا مرڪزي جلوس ۾ شامل ٿيندا رهيا. ان کان اڳ سيئي قافلا جاگير علي اڪبر امام بارگاهه پهتا، جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي. بعد ۾ سيئي عزادار گڏيل جلوس جي صورت ۾ مرڪزي امام بارگاهه پهتا ۽ مرڪزي ماتمي جلوس ۾ شامل ٿي ويا رستن تي عزادارن جي خدمت لاءِ مختلف هنڌن تي سبيلن، لنگر ۽ نياز سان گڏ ميڊيڪل ڪيمپن جو پڻ خاص اهتمام ڪيو ويو جتي رضاڪارن زائرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي. چهلم جي موقعي تي ضلعي ۾ مجموعي طور 15 وڏا ماتمي جلوس ۽ 13 وڏيون مجلسون منعقد ڪيون ويون، جن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مجلسن ۾ عالمن ۽ ذاڪرن واقعي ڪربلا جي اهميت، حضرت امام حسين عليه السلام ۽ اهل بيت اطهارؑ جي عظيم قربانين تي روشني وجهندي چيو ته ڪربلا حق، انصاف، صبر استقامت ۽ ظلم خلاف ثابت قدمي جو هميشه لاءِ زندهه پيغام آهي، جيڪو رهندي دنيا تائين انسانيت جي رهنمائي ڪندو رهندو. چهلم جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا هئا،، مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي مقرر ڪيل رستن تان گذرندي نماز مغربين کان پوءِ شاهنواز چوڪ تي پرامن نموني اختتام پذير ٿيو، جتي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن، استحڪام، امت مسلمه جي اتحاد ۽ شهداءِ ڪربلا جي مشن تي ثابت قدم رهڻ لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

بقايا 19 | روزاني عبرت

چاليهي جي سلسلي ۾ مورو جي مرڪزي امام بارگاهه حسيني ۾ 72 شهيدن جي تابوتن جي زيارت ڪرائي وئي بعد ۾ انجمن حسيني موروجي اڳواڻن سيد شبير علي شاهه، سيد بابر علي شاهه، جاويد مصطفي ڪانڌڙو، نذير حسين سرهيو، ڪاشف علي برڙو سيد ڪاظم علي شاهه، سيد نذير علي شاهه سيد اخلاق حيدر شاهه، شوڪت علي سرهيو محمد صالح برڙو غلام سرور سرهيو شير علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علم پاڪ ۽ ذوالجناح تي مشتمل سوين شيعا عزادارن سان ياالحسين ياحسين جي صدائن سان بر آمد ٿيو جيڪو شهر جي مختلف پڙن کان ٿيندو درگاهه بخاري پهتو جتي نماز مغربين باجماعت ادا ڪئي وئي بعد ۾ جلوس ميجر چونڪ مورو وٽ پهتو جتي سوين مومنين پاران نوحو خواني ۽ زنجيرن زني، گرزن چاقن جو ماتم ڪيو ويو جنهن دوران ڪيترائي عزادار زخمي ٿي پيا جن کي مختلف سماجي تنظيمن پاران ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏئي مرهم پٽي ڪئي وئي جڏهن ته ماتمي جلوس سينا زني جو ماتم ڪندو مين شاهي بازار جي مجلس چونڪ پهتو جتي مومنين جي اجتماع کي خطاب ڪندي ذاڪر اهلبيت پروفيسر غلام مرتضي بوترابي خطاب ڪندي چيو ته مولا امام حسين عه اهڙي عظيم تاريخي قرباني پيش ڪئي، جنهن جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ نٿو ملي هڪ طرف ظلم جو منظر هو ته ٻئي طرف پيغمبر عليه السلام جي آل سان گڏ 72 ساٿين جي ننڍڙي جماعت جو باطل سان مقابلو ۽ ان سان جهاد تي ثابت قدمي، قرباني ۽ جان نثاري جو اهم منظر هو ۽ انهيءَ واقعي ۾ اسان جي لاءِ هزارين عبرتون ۽ حڪمتون پوشيده آهن مولا امام حسين عه طاقت جي نشي ۾ چور تڪبر ۽ غرور جي پيڪر يزيد پليت کي پنهنجي شجاعت ۽ بهادري سان للڪاري اهو عظيم مثال قائم ڪيو جنهن هڪ طرف دنيا کي حيرت ۾ وڌو ته ٻئي پاسي ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين عه جن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان سميت دوستن جون شهادتون پيش ڪري اسلام ۽ انسانيت کي قيامت تائين بچائيندي اسلام کي هڪ نئين زندگي عطا فرمائي اڄ ڪربلا جي بهادرن جي شهادت جي چاليهي جو ڏينهن آهي، جن ثابت ڪري ڏيکاريو ته جنگ رڳو هٿيارن ۽ ماڻهن جي تعداد سان نه پر ڏاهپ، ۽ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي جذبي سان به وڙهي سگهجي ٿي حضرت امام حسين عه جي شهادت دنيا جي سيني محڪوم، مظلوم ماڻهن ۽ قومن کي اميد ۽ اتساهه بخشيو آهي جنهن درس ڏنو ته حق ۽ سچ تي پلي ٿورائي چو نه هجو ڪوڙ سان مهاڏو اٽڪايو پوءِ چو نه ماريا وڃو اسلام جو علم اوچو ڪرڻ لاءِ هر قرباني کان هرگز نه گهبرايو جڏهن ته زيارت اربعين مولانا ظفر علي لغاري پڙهائي بعد ۾ ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه حسيني تي پهچي نهر ٿيو ۽ سيد رياض حسين شاهه ڪاظمي پاران اجتماعي دعا گهري وئي ۽ آخر ۾ آيل عزادارن کي لنگر نياز ڪارايو ويو جڏهن ته مورو ميونسپل طرفان صفائي سٿرائي جا بهتر انتظام ڪيل هئا ۽ پوليس پاران هن ماتمي جلوس دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪندي ڪيترائي رستا بند ڪيا ويا ۽ هر ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي چريڙ تي نظر رکندي تلاشي ورتي وئي مورو پوليس نفري سان گڏ روٽن جي وزٽ ڪيو ۽ ماتمي جلوس جي اڳيان پنيان مورو بوائز اسڪائوٽ اوپن گروپ ۽ علمدار اسڪائوٽ جا رضاڪار پڻ خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا.

بقايا 20 | روزاني عبرت

ماهر وسلام عليه جي مزار تي پرسو ڏيڻ لاءِ پوري ملڪ مان عزادارين حسين جي پيادل ۽ گاڏين ذريعي قافلن جي آمد ۽ روانگي جو سلسلو صبح کان رات دير تائين جاري رهيو جنهن ۾ عورتن ۽ ٻارڙن ۽ بزرگن جو وڏو تعداد شامل هو انهي موقعي تي بي بي جي روضي تي ايندڙ مومنين پاران نوحه خواني ،سينه ڪوبي ۽ زنجيرن زني ماتم سان گڏ مجلسون پڻ برپا ڪيون ويون اوقاف کاتي ۽ معصوم سنڌ زائرين ڪاميٽي طرفان نياز سان گڏ مختلف هنڌن تي سبيلون پڻ لڳايون ويون آهي جڏهن ته سيڪيورٽي جي حوالي سان ڊي ايس پي ماتلي جي نگرانيءَ ۾ پنجن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي هڪ سئو کان مٿي اهلڪارن سميت مقرر ڪيو ويو ان سان گڏ زائرين ڪاميٽي جي اڳواڻن نياز حسين لغاري ،لياقت علي خواجه ۽ حسن علي لغاري جي اڳواڻي ۾ هڪ سئو کان مٿي رضاڪارن کي مقرر ڪيو ويو داخلي ۽ خارجي رستن تي پڻ پوليس پوسٽون قائم ڪرڻ سان گڏ مين روڊن تي پوليس موبائلن جي گشت ڪيو ويو ٻئي هيلٿ کاتي بدين طرفان ڊاڪٽر هريش ڪمار لوهاڻو جي اڳواڻي ۾ ميڊيڪل ڪئمپ پڻ قائم ڪئي وئي قافلن جي آمد ۽ روانگي دوران رش سبب عارضي طور تي روڊ بلاڪ ٿيندا رهيا انهي موقعي زائرين ڪاميٽي ۽ اوقاف کاتي طرفان نياز پڻ تقسيم ڪيو ويو جڏهن ته ملي ٿڌي پاڻي جون سبيلون پڻ لڳايون ويون

بقايا 21 | روزاني عبرت

شاهه ۽ محسن هيسباڻي جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي.ريلي مختلف رستن تان گذرندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ سڪرنڊ پهتي، جتي اڳواڻن شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪيو ان موقعي تي سيد ماجد شاهه، سيد منظور حسين شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ريلي ڪڍڻ جو مقصد ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جي عظيم قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي هنن چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام حق ۽ سچ جي سربلندي لاءِ شهادت قبول ڪئي، پر باطل آڏو نه جهڪيا. ڪربلا جو پيغام انسانيت، حق، صبر ۽ انصاف جو درس ڏئي ٿو تنهنڪري اسان سيني کي حضرت امام حسين عليه السلام جي نقش قدم تي هلي پنهنجي زندگي گذارڻ گهرجي.ريلي دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته همدرد جون ايمبوليسون پڻ ريلي سان گڏ موجود رهيون .مورو رپورٽ خدا بخش ميمڻ، موروو ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي تي ماتمي جلوس برآمد، مرڪزي امام بارگاهه حسيني ۾ 72شهيدن جي تابوتن جي زيارت ڪرائي وئي، مولا امام حسين عه اهڙي عظيم تاريخي قرباني پيش ڪئي، جنهن جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ نٿو ملي، پروفيسر غلام مرتضي بوترابي جو مجلس عزا کي خطاب

بقايا 22 | روزاني عبرت

جي لهر ڇانئجي وئي آهي رپورٽن موجب جعلساز مختلف طريقن ۽ چالاڪين ذريعي شهرين ۽ واپارين کي جعلي نوٽ ڏئي دوڪو ڪري رهيا آهن. ڪراچي اليڪٽرانڪس ڊيلرز ايسوسيئيشن جي صدر رضوان عرفان چيو ته اليڪٽرانڪس مارڪيٽ ۾ واپارين سان 5 هزار رپين جي جعلي نوٽن جي ڏي وٺ جا ڪيترائي واقعا پيش اچي چڪا آهن. جنهن سبب مارڪيٽ ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙجي رهي آهي. هن شهرين ۽ واپاري برادري کي اپيل ڪئي ته خريد ۽ وڪري دوران 5 هزار رپين جي نوٽن کي چڱيءَ ريت جاچ پڙتال ڪانپوءِ قبول ڪيو وڃي ۽ مڪمل احتياط ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن به مالي نقصان کان بچي سگهجي

بقايا 23 | روزاني عبرت

زميندار عادل جمالي ۽ هارين وچ ۾ هلندڙ تڪرار سبب علائقي ۾ وڏي خونريزي جو خدشو پيدا ٿي ويو ڳوٺاڻن موجب باٿر ڌر سان لاڳاپيل هٿيارٻند مبينا طور ڳوٺ مراد جمالي، ڳوٺ مور جمالي ۽ ڳوٺ شمن جمالي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو جنهن خلاف ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته زميندار سندن صدين کان آباد ڳوٺن ۽ موروثي هارپي واري زرعي زمين تي قبضو ڪري رهيو آهي. هنن چيو ته سندن اڌ کان وڌيڪ زمين اڳ ئي ڪسيجي چڪي آهي، جڏهن ته هاڻي باقي رهيل زمين ۽ ڳوٺن تي به قبضي جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. ڳوٺاڻن وڌيڪ الزام هنيو ته گهيرو ڪندڙ هٿيارٻند خطرناڪ قسم جا ڏوهاري آهن. تنهن ڪري کين فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي. واقعي جي اطلاع تي پوليس فوري طور علائقي ۾ پهچي وئي، جنهن بعد ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ڳوٺ جي ڇڳي مڙس رئيس حنيف جمالي، شمن جمالي، سهراب خان جمالي ۽ ايس ايڇ او ٽنڊوڄام ٻنهي ڌرين سان ڳالهيون ڪيون ڳالهيون دوران زميندار عادل جمالي جي ڌر ٻن ڏينهن جي مهلت گهري ۽ هٿيارن جي نمائش نه ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ٻنهي ڌرين اهو پڻ يقين ڏياريو ته معاملي جو حتمي فيصلو ٿيڻ تائين ڪا به ڌر ڪنهن به قسم جي اڳڀرائي يا اشتعال انگيز قدم نه کڻندي. پوليس موجب علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويا آهن.

بقايا 24 | روزاني عبرت

سڌوجا جي ڳوٺ علي خان ڪوسو واسي عرفان ولد محمد اشفاق ڪوسو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس وٽان هڪ غير قانوني پستل هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي اسپتال ۾ موجود مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته درس ٻاٿي پاس ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڏوهاري ڏوهه جي ارادي سان روڊ تي چڙهيا ته گشت دوران ڏوهارين جو پوليس سان اوچتو مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ ڏوهي عرفان ڪوسو سندس ساٿي جي ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي ڪري پيو جنهن کي گرفتار ڪري سندس وٽان هڪ غيرقانوني پستل هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس جا ٻه ساٿي رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا جن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ ناڪابندي ڪئي وئي آهي زخمي ڏوهي خلاف مختلف ٿاڻن تي 7 ڪيس داخل ٿيل آهن وڌيڪ ڏوهن جي رڪارڊ بابت جاچ ڪئي پئي ٻئي پاسي مورو اسپتال ۾ سهولتون نه هجڻ تي زخمي ڏوهاري کي ڊاڪٽر پاران فرسٽ ايڊ ڏيڻ ڪانپوءِ وڌيڪ علاج لاءِ 1122 ريسڪيو ايمبولينس ۾ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 25 | روزاني عبرت

ڪربلاجي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي ٻئي طرف هيرائي مان ماتمي جلوس سيد گل حسن شاهه ۽ ڪرڙ شيدي جي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس برآمد ٿيو جيڪو مختلف امام بارگاهن کان ٿيندي مين روڊ تي پهتو جتي عزادن امام حسين جي ڏنل لازول قربانين تي کيس پيتا پيش ڪندي نوحه خواني سينا زني جو ماتم ڪري اسلام خاطر امام حسين کي خراجحسين پيش ڪيو جڏهن ته سيڪورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا وڏي تعداد ۾ پوليس رينجرس گشت ڪندي رهي

بقايا 26 | روزاني عبرت

منعقد ڪيون ويون، جڏهن ته مختلف امام بارگاهن کان ننڍا وڏا 35 ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا جنهن ۾ شريڪ عزادار غم حسين رضه ۾ ماتم ڪندا پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن روان دوان رهيا. مرڪزي جلوس مرڪزي امام بارگاهه کان برآمد ڪيو ويو هوڏانهن ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي جيڪب آباد ۾ سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا، شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن سميت عزادارن جي روٽن کي مڪمل طور سيل ڪيو ويو ۽ حساس هنڌن تي سيڪيورٽي عملدارن کي هاءِ الرٽ ڪري بيهاريو ويو انتظاميه پاران سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي ماتمي جلوسن جو نگراني ڪئي وئي

بقايا 27 | روزاني عبرت

حيدرآباد منتقل نه ٿي سگهيو. ترپي ترپي فوت. خبر موجب ڳوٺ گل محمد ڏماچ ۾ فهيم ڏماچ جو چار سالہ معصوم پٽ فهد ڳوٺ جي مسجد پرسان رانڊ ڪندي پٽ ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي موٽر سائيڪل ذريعي ٽنڊو قيصر صحت مرڪز آندو ويو. ڊاڪٽرن سندس حالت گنڀير قرار ڏيندي فوري طور سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪرڻ جو چيو پر وارثن موجب ايمبولينس ڊرائيور ڊيوٽي تي موجود نه هجڻ سبب ايمبولينس فراهم نه ڪئي وئي، جنهن ڪري معصوم ٻار صحت مرڪز ۾ ئي ترپي ترپي دم ڏئي ڇڏيو معصوم فهد جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته سندس والده کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا. معصوم فهد والدين جو اڪيلو اولاد هو ٻئي طرف رابطو ڪرڻ تي ڊيوٽي ڊاڪٽر افتخار نظاماڻي ٻڌايو ته ايمبولينس ڊرائيور کي پي پي ايڇ آءِ وارن موڪل ڏني آهي، واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين صحت مرڪز ۾ ايمرجنسي سهولتن جي کوٽ ۽ مبينا لاپرواهي خلاف سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

بقايا 28 | روزاني عبرت

ويا . اطلاع تي پوليس پهچي واقعي واري هنڌ جو جائزو ورتو ٻڌايو وڃي ٿو ته اڳاري جي رات دير سان نامعلوم چور ايجنسي جا تالا ٽوڙي اٽڪل چار روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ڪان پوءِ وڃڻ مهل پاڻ سان آندل تالو ايجنسي جي دروازي کي لڳائي فرار ٿي ويا . پوليس مطابق ته چوري جي اهڙي واردات جي ڳهڻ رخي جاچ ڪئي پيئي وڃي .

بقايا 29 | روزاني عبرت

ڪيو ويو جيڪي ايمبولينس ذريعي مقتول جو مڙهه ڪنائي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو ان سلسلي ۾ مقتول جي ڀاءُ خاوند بخش راهوجو صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس عملدار عامر راهوجو سجل، ڏوهيب، ريڏنو راهوجو وارن ٻارڙن جي معمولي ڳالهه تان منهنجي ڀاءُ نياز حسين راهوجو مٿان سخت تشدد ڪيو جنهن کري هو زخمي ٿي پيو ۽ اسين کيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو منتقل ڪيو جتي هن زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيوآهي، هن چيو ته حد جي مولاداد ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ باوجود پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو جيڪا زيادتي آهي، هن چيو ته منهنجو ڀاءُ قتل ٿيو آهي پر پوليس ڪک پڇي بيٺو ناهين ڪيو، هن ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو آهي ته منهنجي ڀاءُ جي قتل جو نوٽيس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30 | روزاني عبرت

(ميس) ۾ مبينا لکين رپين جي ڪرپشن جو ڊي آئي جي ٽريننگ فيض الله ڪريجو نوٽيس ورتو پوليس ٽريننگ سينٽر آر ٽي سي جو ميس انچارج ڪاشف مرزا خلاف جاچ شروع مبينا ڪرپشن جي الزام هيڊ پوليس جعمدار ڪاشف مرزا معطل ڪري ڊي آئي جي ٽريننگ ڪراچي کلوز ڪيو ويو مبينا ڪرپشن جي پوليس ٽرينگ سينٽر جي ايس پي /پرنسپال کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو پوليس ٽريننگ سنٽر ۾ ٽرٿلو مچي ويو

بقايا 31 | روزاني عبرت

لاش پيل ڏسي شهرين پوليس کي اطلاع ڏني پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪيو.پوليس موجب، شروعاتي جاچ مان لڳي ٿو ته مسمات ماهه نور ولد محمد اڪبر سکر کان ڪراچي ويندڙ مسافر ترين مان ڪري فوت ٿي وئي. سندس لاش سڃاڻپ ٿيڻ بعد امانت طور سول اسپتال جي سرد خاني ۾ رکيو ويو آهي.

بقايا 32 | روزاني عبرت

پروفيشنل چور آهي جيڪو اڳ ۾ به ڪيترين ئي موٽر سائيڪلون شهرمان هندو برادري جي ماڻهن ٽوڙي جو مسلمانن جون چوري ڪري چڪو آهي جن جا سي سي ٽي وي پوليس وٽ موجود هجڻ باوجود پوليس عملي طور تي ڪا سخت قانوني ڪارروائي نه ڪري سگهي آهي ٻي پاسي ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب گذريل رات پڻ پوليس اهلڪار آصف ڪلهوڙو جي موٽر سائيڪل چوري ڪندي ٻن پوليس اهلڪارن کي ميرپور ماٿيلو پوليس گرفتار ڪري ورتو هو جن کي ڏيتي ليتيءَ ذريعي آزاد ڪرڻ جا چئو هول هلي رهيا هئا

بقايا 33 | روزاني عبرت

جوابدارن جون اڳواٽ ضمانت جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون آهن پوليس موجب 28 جولاءِ تي اطلاع مليو ته لطيف ڏنو خاصخيلي جي گهر تي غير قانوني جرڳو ٿي رهيو آهي جتي پنهنجي مرضي سان شادي ڪندڙ نوجوان جوڙي عاشق علي ۽ نازي فرزانا بابت فيصلو ڪيو پيو وڃي جرڳي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن فرزانا جي بدلي ۾ ٻي ڇوڪري نه ڏني وئي ته جوڙي کي قتل ڪيو ويندوموقعي تي پوليس پهچڻ وقت جوابدار فرار ٿي ويا ۽ پوليس پاران نوجوان جوڙي کي محفوظ ڪيو ويوعدالت هدايت علي، ممتاز علي، سياڳو خان، شوڪت علي ۽ لطيف ڏنو خاصخيلي سميت ٻين جوابدارن جون اڳواٽ ضمانت واريون درخواستون رد ڪري ڇڏيو آهن سيڪشن 310 - A تحت غير قانوني جرڳو سنگين ڏوهه آهي جيڪو آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي ۽ اهي ڪاروڪاري ۽ جرڳي جهڙيون روايتون سماج لاءِ هاڃيڪار آهن ۽ اهڙن معاملن ۾ متاثر ڌرين تي دٻاءُ وجهي بيان تبديل ڪرائڻ جا امڪان به نظرانداز نه ٿا ڪري سگهجن تنهن ڪري اهڙي بيان کي قبول نه ٿو ڪري سگهجي جڏهن ته ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ جي جج لياقت علي ڪوسو رمارڪس ۾ چيو ته ڪنهن به جرڳي کي ڪنهن شهري بابت فيصلو ڪرڻ يا سزا ڏيڻ جو قانوني اختيار حاصل ناهي پنهنجي مرضي سان شادي ڪرڻ هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ ان حق ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ جرڳو ڪرڻ رياست خلاف ڏوهه آهي.

بقايا 34 | روزاني عبرت

وڌايل الائونس تي عملدرآمد نه ٿيڻ خلاف مختلف سرڪاري کاتن جي معذور ملازمن ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڳ ۾ هر معذور ملازم کي 6 هزار رپيا معذوري الائونس ڏنو ويندو هو جڏهن ته سنڌ حڪومت تازو پيش ڪيل بجيٽ ۾ ان ۾ 4 هزار رپين جو اضافو ڪري الائونس 10 هزار رپيا مقرر ڪيو آهي مظاهرين الزام هنيو ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهرو فيروز اڃا تائين حڪومت جي اعلان تي عمل نه ڪيو آهي، جنهن سبب کين وڌايل 10 هزار رپين وارو الائونس ادا نه پيو ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت جي اعلان موجب فوري طور معذور ملازمن کي وڌايل الائونس جاري ڪيو وڃي، جيئن هو مالي پريشانين مان نڪري سگهن. احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا منظور نه ڪيا ويا ۽ کين سندن حق نه ڏنو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 35 | روزاني عبرت

سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا، جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پاڻ سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ڪئي.تفصيل موجب، خيرپور ۾ شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي موقعي تي مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري سميت شهر جي مختلف امام بارگاهن مان 50 کان وڌيڪ علم ۽ ذوالجناح جا جلوس برآمد ٿيا.مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري مان برآمد ٿيو جنهن جي اڳواڻي معروف مذهبي اڳواڻ سيد صغير حسين زيدي ڪئي. جلوس جي شروعات تي مشهور مرثيه خوان استاد عابد حسين نقوي، هاتف الوري جي فرزند سيد منظر مهدي شاهه ۽ ٻين مرثيا پڙهي جلوس کي روانو ڪيو.بعد ۾ مرڪزي جلوس پنهنجي مقرر رستن تان گذرندو چتري چوڪ پهتي جتي امام بارگاهه قصر حسيني، امام بارگاهه فيض حسيني، امام بارگاهه شوڪت صاحب، امام بارگاهه قصر زينب ٿائي زهره، امام بارگاهه جاده شاهه ۽ ٻين انجمنن جا عزادار جلوس ۾ شامل ٿيا.چتري چوڪ تي ممتاز ذاڪرن ۽ عالمن حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت بابت خطاب ڪيا، جڏهن ته عزادارن زنجير زني ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو.ان کان پوءِ مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي مقرر رستن تان گذرندو مرڪزي ڪربلا انجمن حيدري ۽ قديمي ڪربلا نيشنل هاءِ وي کان ٿيندو ٻيهر مرڪزي ڪربلا انجمن حيدري تي پهچي اختتام پذير ٿيو.ضلع جي مختلف علائقن مان مجموعي طور 139 ماتمي جلوس برآمد ٿيا. جلوسن جي حفاظت لاءِ وڏي انگ ۾ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پاڻ سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ڪئي، جنهن سبب خيرپور ۾ چهلم جو ڏينهن مڪمل امن ۽ خيريت سان گذري ويو.

بقايا 36 | روزاني عبرت

ماڻهون آهن. زبردستي ڳوٺ مان لڏائڻ چاهين ٿا. ڳوٺ جا اصل مالڪ مان آهيان ڄاڻايل ماڻهن تي حيدرآباد پريارود سميت ٻين ٿاڻن تي ڪرمنل ڪيس ٿيل آهن. هنن زبردستي پنهنجي گهر کي باهه ساڙڻ جي ڪوشش ڪري اهو الزام مون مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ چاهين پيا .جنهن جا سمورا ثبوت مون وٽ آهن هنن چيو ته بااثر پيرل لاکو جي چرچ تي ڪوڙا ڪيس ۽ نقصان رسائي رهيا آهن هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري ڏوهاري ماڻهن کي ٽڪايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي..

بقايا 37 | روزاني عبرت

ڪئي ته عوامي شڪايتن جي بروقت، مؤثر ۽ ميرٽ تي بنا ازالي کي يقيني بڻايو وڃي ان موقعي تي ڳالهائيندي محمد عمر فاروق بلوچ چيو ته عوام کي سستو در تي تين مفت ۽ منصفانو انصاف فراهم ڪرڻ محتسب اداري جي اولين ترجيح آهي هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري کاتن خلاف شهرين جون سيني شڪايتون بنا ڪنهن امتياز جي مڪمل ميرٽ، شفافيت ۽ غيرجانبداري سان ٻڌيون ۽ فيصلو ڪيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته ريجنل محتسب آفيس خيرپورميرس جا دروازا عوام لاءِ هميشه کليل رهندا ۽ بدانتظامي بابت عوامي شڪايتن جي شفاف، منصفاڻي ۽ بروقت ازالي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. ان موقعي تي ريجنل محتسب آفيس خيرپورميرس جي آفيسرن ۽ عملي نئين مقرر ٿيل ريجنل محتسب محمد عمر فاروق بلو جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ کين آفيس جي انتظامي معاملن ۽ ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني.

بقايا 38 | روزاني عبرت

وئي.مجلس کي شيعا عالمن خطاب ڪندي واقعي ڪربلا جي فلسفي، حضرت امام حسينؑ ۽ سندن ساٿين جي لازوال قربانين تي روشني وڌي ۽ مسلمانن تي زور ڏنو ته هو حق، انصاف ۽ امن جي واٽ تي هلندي ڪربلا جي پيغام کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين.ان موقعي تي عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ نوحه خواني ۽ سينا زني ڪئي. جلوس جي رستن تي مختلف سماجي ۽ فلاحي تنظيمن پاران سبيلون قائم ڪيون ويون، جتي عزادارن کي ٿڌو پاڻي، شربت ۽ ٻيون تبرڪات فراهم ڪيون ويون. جلوس دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا. مختلف رستن تي پوليس جي نفري مقرر ڪئي وئي، جڏهن ته جلوس جي نگراني پڻ جاري رهي.

بقايا 39 | روزاني عبرت

ايئرپورٽ پورٽ روڊ ايم سي بي ٻئنڪ وٽ موٽر سائيڪل سوار هٿيار ٻندن ٻن ڄڻن کي شڪ جي بنياد تي روڪي تلاشي وٺڻ بعد سندن جي قبضي مان غير قانوني هٿيار بغير لائسنس وارو ٽي ٽي پستول گوليون ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي جنهن بعد ٻنهي ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو نامعلوم گرفتار جوابدار هڪ ڄڻو گهري رشوت واري رقم جي ڏيتي ليتي بعد موٽر سائيڪل سميت آزاد ڪرڻ جو مبينا انڪشاف ٿيو آهي جڏهن ته گرفتار ٿيل ٻئي جوابدار جي سڃاڻپ عبدالشڪور شيخ ڳوٺ لال مشائخ جي رهواسي طور ظاهر ڪري آباد ٿاڻي تي غير قانوني بغير لائسنس وارو هٿيار رکڻ جو ڪيس مٿس داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ اعتماد جوڳن ذريعن ۽ اکين ڏٺن شاهدن موجب،آباد ٿاڻي حد جي اندر ايئرپورٽ روڊ تي خانگي ٻئنڪ ٻاهريان حد جي پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو جن کان ٽي ٽي پستول گوليون موٽر سائيڪل قبضي مان هٿ ڪيو ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته سڪرجي ڪير تر ڪنٽال وٽ شڪي جوابدار کي روڪي تلاشي ورتي وئي جنهن کان بغير لائسنس وارو هٿيار ٽي ٽي پستول گولين سميت هٿ آيو جنهن بعد گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 40 | روزاني عبرت

۾ پاڻي، بجلي ۽ ٻيا ترقياتي منصوبا فوري مڪمل ڪرڻ جون هدايتون، عوامي رليف اولين ترجيح قرار حڪومت سنڌ جي ترجمان ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر هير سوهو جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سجاول ۾ ترقياتي منصوبن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون شاهد نظير لنڊ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ضلع ڪائونسل، ڊرينيج، حيسڪو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ انجنيئرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تعلقي ميرپور بٺوري ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو هير سوهو ميرپور بٺوري جي شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته آبادگارن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کان بچائڻ لاءِ پاڻي جي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي هن اپر پنياري جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي اجلاس ۾ غيرحاضري تي سخت نوٽيس وٺندي سندس خلاف وضاحت طلب (ايڪسپليشن) جاري ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سيڪريٽري آبپاشي ڏانهن مراسلو موڪلڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون اجلاس دوران حيسڪو اختيارين کي هدايت ڪئي وئي ته تعلقي ميرپور بٺوري جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ بجلي جي پولن ۽ تارن جي لڳائڻ وارو رهيل ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي بهتر بجلي جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ضلع ڪائونسل جي انجنيئر کي پڻ هدايت ڪئي وئي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو فيملي پارڪ جو التوا هيٺ آيل منصوبو جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي بهتر تفريحي سهولتون مهيا ٿي سگهن هير سوهو سيني لاڳاپيل آفيسرن ۽ انجنيئرن کي زور ڀريو ته جاري ترقياتي منصوبا جلد مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي ان موقعي تي لاڳاپيل انجنيئرن مختلف جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا 41 | روزاني عبرت

خيرپور ضلعي جي ٻن تعلقن گمبٽ ۽ صوبوديرو ۾ ضمني چونڊ لاءِ 8 اميدوار ميدان ۾ لعل آهن جن ۾ اسفنديار خان ڪرل پاڪستان پيپلز پارٽي جو اميدوار جڏهن باقي ست اميدوار آزاد جن ۾ شاهه حسين ڪرل ،راحيل ڪريم ڪرل،سيد فهد حسين شاهه جيلاني ،سيد تصوير مهدي حسن شاهه،انجنيئر محمد موسي ٻرڙو،ايڊووڪيٽ غلام علي اڄڻ ،غلام عمر مجموعي طور اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو ، جڏهن پي ايس 30 جي تعلقي گمبٽ ،سوڀوديرو تڪ تي 163 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ 63 انتهائي حساس، 68 حساس ۽ 32 نارمل قرار ڏنا ويا آهن.جڏهن ته پي ايس 30 تڪ جي حلقي ۾ 2 لک 54 هزار 980 رجسٽرڊ ووٽر پنهنجو حق راءِ استعمال ڪندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پولنگ اسٽيشنن تي سي ٽي وي ڪيمرن جي تنصيب لاءِ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي سان مڪمل رابطو ۽ تعاون جاري آهي.ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ موجب چونڊ انتظامن، پولنگ اسٽيشنن جي دورن، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ٻين اهم معاملن تي ذاتي نگراني ڪئي ويندي، جڏهن ته گذريل چونڊن جي تجربن کي به مدنظر رکندي منصوبابندي ڪئي وئي آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جو چوڻ آهي ته پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي پوليس چونڊ سيڪيورٽي لاءِ ايمرجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي ۽ رينجرز ۽ ضلعي انتظاميه جي تعاون سان پرامن ماحول ۾ چونڊ جي انعقاد لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر خيرپور عطا الله بروهي، ڊي آءِ بي انچارج خيرپور علي گل ملاح، ڊائريڪٽر اسڪولز حافظ شهاب الدين انڊڙ سيپڪو پي پي ايچ آءِ، نادرا، ڪاليج ايجوڪيشن، محڪمه اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن پي ايس 30 تي موجود رهندا خيرپور ضلعي جي ٻن تعلقن گمبٽ ۽ صوبوديرو ۾ ضمني چونڊ لاءِ 8 اميدوار ميدان ۾ لعل آهن جن ۾ اسفنديار خان ڪرل پاڪستان پيپلز پارٽي جو اميدوار جڏهن باقي ست اميدوار آزاد جن ۾ شاهه حسين ڪرل ،راحيل ڪريم ڪرل،سيد فهد حسين شاهه جيلاني ،سيد تصوير مهدي حسن شاهه،انجنيئر محمد موسي ٻرڙو،ايڊووڪيٽ غلام علي اڄڻ ،غلام عمر مجموعي طور اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو ، جڏهن پي ايس 30 جي تعلقي گمبٽ ،سوڀوديرو تڪ تي 163 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ 63 انتهائي حساس، 68 حساس ۽ 32 نارمل قرار ڏنا ويا آهن.جڏهن ته پي ايس 30 تڪ جي حلقي ۾ 2 لک 54 هزار 980 رجسٽرڊ ووٽر پنهنجو حق راءِ استعمال ڪندا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پولنگ اسٽيشنن تي سي ٽي وي ڪيمرن جي تنصيب لاءِ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي سان مڪمل رابطو ۽ تعاون جاري آهي.ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ موجب چونڊ انتظامن، پولنگ اسٽيشنن جي دورن، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ٻين اهم معاملن تي ذاتي نگراني ڪئي ويندي، جڏهن ته گذريل چونڊن جي تجربن کي به مدنظر رکندي منصوبابندي ڪئي وئي آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جو چوڻ آهي ته پي ايس 30 گمبٽ سوڀوديرو تڪ تي پوليس چونڊ سيڪيورٽي لاءِ ايمرجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي ۽ رينجرز ۽ ضلعي انتظاميه جي تعاون سان پرامن ماحول ۾ چونڊ جي انعقاد لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي. ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر خيرپور عطا الله بروهي، ڊي آءِ بي انچارج خيرپور علي گل ملاح، ڊائريڪٽر اسڪولز حافظ شهاب الدين انڊڙ سيپڪو پي پي ايچ آءِ، نادرا، ڪاليج ايجوڪيشن، محڪمه اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن پي ايس 30 تي موجود رهندا

بقايا 42 | روزاني عبرت

(ڪمر پرسان) گولي لڳڻ جو ننڍو نشان، جڏهن ته سيني تي وڏو نشان موجود هو جنهن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته گولي پنيان کان هڻي وئي ۽ سامهون کان نڪري وئي. پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب لاش ڦولي چڪي هئي ۽ چهرو تمام گهڻو خراب حالت ۾ هو. جڏهن ته پراڻي لاش هجڻ سبب ڪيترين ئي جڳهين تان چمڙي به متاثر ٿي وئي هئي ايم ايل او ذريعن موجب چهري جي خراب ٿيڻ جا سبب مٽي جي تفصيلي جاچ سان معلوم ٿي سگهن ها، جڏهن ته لاش جي ساڄي هٿ تي به ڪجهه مشڪوڪ نشان مليا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته تصويرن ۾ نوڙيءَ جي هيٺان به هڪ زخم نظر اچي رهيو آهي. ۽ جيڪڏهن پوسٽ مارٽم ڪنهن سينيئر آفيسر جي نگرانيءَ ۾ ڪيو وڃي ها ته صورتحال مختلف ٿي سگهي ٿي ٻئي طرف جاچ ڪندڙن 29 جولاءِ صبح 8 وڳي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪچرو گڏ ڪندڙ شخص کي واقعي واري هنڌ ايندي ڏٺو ويو آهي. جاچ اختيارين موجب مشڪوڪ شخص لڳ ڀڳ اڌ منٽ تائين واقعي واري هنڌ موجود رهيو، ۽ شبهو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ممڪن آهي ته واردات ۾ استعمال ٿيل هٿيار اهو ئي شخص اتان کڻي ويو هجي. واضح رهي ته مير رضا علي جي لاش 29 جولاءِ تي صبح 11 وڳي کان پوءِ ملي هئي، جڏهن ته پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان مشڪوڪ شخص جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ مصروف آهي، جڏهن ته مير رضا علي جي موبائل ڊيٽا جو رڪارڊ ۽ فارنزڪ رپورٽ حاصل ڪري ورتي آهي، جڏهن ته جاچ کي هر پهلو کان اڳتي وڌايو پيو وڃي.جاچ ڪندڙ اختيارين موجب 28 جولاءِ جي رات مير رضا علي پنهنجي هڪ دوست کي پيغام موڪليو هو. اختيارين جو چوڻ آهي ته مير رضا جي مڪمل ميڊيڪل رپورٽ اڃا تائين حاصل ناهي ٿي، جڏهن ته ابتدائي ميڊيڪل رپورٽ ۾ موت جو سبب گولي لڳڻ ٻڌايو ويو آهي وارث ابتدائي ميڊيڪل رپورٽ سان مطمئن ناهن ۽ سندن دعويٰ آهي ته مير رضا جي جسم تي تشدد ۽ ساڙ جا نشان پڻ موجود آهن.جيڪڏهن خاندان ٻيهر ميڊيڪل جاچ ڪرائڻ جي درخواست ڪندو ته اها پڻ ڪرائي ويندي. جاچ دوران آن لائين ٽيڪسي ڊرائيورن. لاش بابت پهريون اطلاع ڏيندڙ شخص سميت 15 ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن اختيارين موجب مير رضا علي جي موت خودڪشي هئي يا قتل، ان بابت هر پهلو کان باريڪي سان جاچ جاري آهي. جاچ موجب مير رضا علي پنهنجي هڪ دوست کان 3 ڪروڙ رپيا اوڌر گهريا هئا ۽ کيس پيغام ۾ ٻڌايو هو ته هو وڏي مشڪل ۾ آهي ۽ کيس رقم جي سخت ضرورت آهي موبائل ڊيٽا جي رڪارڊ مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته مير رضا مختلف ماڻهن جو قرضدار هو. اختيارين موجب سندس منگيتر رات 3 وڳي 10 منٽن کان 3 وڳي 50 منٽن تائين لڳاتار پيغام موڪليندي رهي، پر مير رضا ڪنهن به پيغام جو جواب نه ڏنو

خانپورمهر لڳ گڏاڻي ۽ مهر برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ ٻارڙو مارجي ويو، 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ چڻن مهر ۾ تڪرار تان فائرنگ ۾ جمال الدين، عبدالحميد، امداد، محمد بخش گڏاڻي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جتي 8 ورهين جو عبدالرحيم فوت ٿي ويو

گڏاڻي برادري پاران خانڳڙهه روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو هڻي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ڳوٺ چڻن مهر ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو فائرنگ ۾ 8 ورهين جو ٻارڙو فوت، روڊ بلاڪ ڪري احتجاج خانپورمهر پرسان ڳوٺ چڻن مهر ۾ گڏاڻي ۽ ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: فوتي نينگر جو لاش هٿي طرف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز لڳ تگر ۽ ٻبر برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو 10 ڄڻا زخمي

ٻاءِ پاس واري علائقي ۾ رهندڙ ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي علي اڪبر، جميل، اصغر، وحيد، ساجد ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ٻاءِ پاس تي تگر ۽ ٻبر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون ڪهاڙيون ۽ سرون لڳڻ سبب 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ تگر برادري جا جمعدار علي اڪبر تگڙ جميل تگڙ علي اصغر تگڙ وحيد علي تگڙ ۽ ساجد علي تگڙ شامل آهن جڏهن ته ٻبر برادري جا غلام حسين ٻبر ڪاشف ٻبر علي اشرف، رحيم ٻبر ۽ عبدالرحمان ٻبر پڻ زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ ٻنهي ڌرين نوشهروفيروز بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو باڻرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ غلام حسين لنڊ جي رهواسين پاران باڻرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو ڳوٺاڻن ميهار لنڊ سندس ڌيءُ تهمينه لنڊ ۽ گهرواري فائزه لنڊ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ، سوڀوديرو تائين 163 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن: اليڪشن ڪمشنر

پولنگ اسٽيشنن جي دورن، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ٻين اهم معاملن تي ذاتي نگراني ڪئي ويندي

163 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ 63 انتهائي حساس، 68 حساس ۽ 32 نارمل قرار ڏنا ويا آهن

پوليس چوڻ سيڪيورٽي لاءِ ايمرجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي ۽ رينجرز ۽ ضلعي انتظاميه هر ممڪن مدد فراهم ڪندي

گمبٽ(رپورٽ: مريد ڪانوري) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر خيرپور نعيم الرحمان جلباڻي ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

دوڙ: فوت ٿيل نينگري جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوالهيار ۾ نوجوان جي گرفتاري خلاف اٽو ڀاڙي جي رهواسين جو احتجاج

مظاهرين ٻي سيڪشن ٿاڻي آڏو اڳيان ڌرڻو هڻي غلام نبي ڪنڀار جي آزادي لاءِ مظاهرو ڪيو

پوليس چار ڏينهن نوجوان کي گم رکڻ بعد ڪوڙو ڪيس ظاهر ڪيو آهي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي اٽو ڀاڙي جي رهواسين پاران هوٽل تي مزدوري ڪندڙ پورهيت نوجوان کي بيگناهه گرفتار ڪرڻ خلاف بي سيڪشن ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي پ پ پ تعلقه بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لنجواڻي موڙ وٽ حادثي ۾ زخمي نظير احمد، ساماڻي، ناديه ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ٻاءِ پاس لنجواڻي موڙ وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ پورهيت جو ٽڙڻ جادو شهيد پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس ننڍهڻ امن ۾ گڏهه گاڏي پورهيات هٿ ٻير ڀڙي ويهاري ڇڏيو: ڪنڊو ٻبر

ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺڻ ۽ شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجهو ڳوٺ گل ٻبر واسي پورهيت ڪندو ٻبر پريس ڪلب پهچي روئيندي ڏانهيون ته آءُ غريب مسڪين آهيان ، گهر جو گذر سفر لاءِ جهنگ مان گڏهه گاڏي تي ڪاٺيون ڪري بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

آبادگارن کي تڪليف کان بچائڻ لاءِ پاڻي فراهمي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي: هير سوهو

بلوري جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ بجلي جي پولن ۽ تارن جي لڳائڻ وارو رهيل ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي

جاري ترقياتي منصوبا جلد مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن عوام کي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي

اجلاس ۾ غير حاضر ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي کان وضاحت طلب، سيڪريٽري آبپاشي ڏانهن مراسلي جون هدايتون

سجاول (ڊ ر) ايم پي اي هير سوهو جو ترقياتي منصوبن ۾ غفلت تي سخت ايڪشن غير حاضر ايڪسين آبپاشي کان وضاحت طلب هير سوهو جون ميرپور بلوري بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: چهلم جي موقعي تي عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

گلستان جوهر ۾ مير رضا علي جي لاش ملڻ واري ڪيس ۾ اڳڀرائي، پوسٽ مارٽم ۽ سي سي ٽي وي جاچ جاري

پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ گولي لڳڻ جو انڪشاف، لاش 24 ڪان 36 ڪلاڪ پراڻو هجڻ جي تصديق

جاچ اختيارين پاران موبائل ڊيٽا ۽ فارنزڪ رپورٽ حاصل، 15 ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا

وارثن جو تشدد جا نشان هجڻ جو دعويٰ، خودڪشي يا قتل سميت سڀني رخن کان جاچ جاري آهي: پوليس

ڪراچي (بيوروپورٽ) پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته مير رضا جي لاش 24 ڪان 36 ڪلاڪ پراڻي هئي تصويرن مان ظاهر ٿيو آهي ته لاش جي پلنگ واري پاسي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سڪر ۽ پرياسي ۾ شهيدِ ڪربلا حضرت امام حسينؑ ۽ ساٿين جو چهلم عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مرڪزي امام بارگاهه غريب آباد مان برآمد ٿيل جلوس شڪارپور روڊ، ٻراج روڊ واپس مرڪزي امام بارگاهه پهچي اختتام پذير ٿيو

ماتمي جلوس ۾ عزادارن سينڌي ڪوبي ۽ زنجير زني ذريعي حضرت امام حسينؑ ۽ شهيدن ڪربلا کي پرسا پيش ڪئي

گهنٽا گهر چوڪ تي منعقد مجلسن دوران ذاڪرن شهيدن ڪربلا جي سيرت ۽ فلسفي شهادت تي تفصيلي روشني وڌي

سکر (بيوروو رپورٽ) ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۽ ان جي پرياسي وارن علائقن ۾ ۽ نبي پاڪ ﷺ جي نواسي، حضرت عليؑ جي جگرگوشي ۽ شهيدِ ڪربلا حضرت امام حسينؑ سميت ٻين شهيدن ڪربلا جو بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪراچي سيسي لانڍي اسپتال ۾ ايچ آءِ وي بابت آگاهي مهم

او پي ڊيز ۽ واردن ۾ مريضن ۽ شهرين کي احتياطي تدبيرن بابت آگاهي فراهم

ايچ آءِ وي لاعلاج بيماري ناهي، بروقت تشخيص سان علاج ممڪن آهي: ڊاڪٽر ظفر قائمخاني

ڪراچي (بيوروو رپورٽ) سوشل سيڪيورٽي لانڍي اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر ظفر علي قائمخاني ۽ ڊي ايم ايس ڊاڪٽر ذوالفقار ميمڻ جي نگرانيءَ هيٺ ايچ آءِ وي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ اسپتال ۾ پينا فليڪس لڳايا ويا ان موقعي تي سيسي لانڍي اسپتال جي او پي ڊيز ۽ مختلف واردن ۾ آگاهي مهم پڻ هلائي وئي ايم ايس ڊاڪٽر ظفرعلي قائمخاني سان گڏ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سي سي پاران ڪرايل طبي ڪيمپ ۾ مريضن جو معائنو ڪيو پيو وڃي

روهڙي ۾ شهيدن ڪربلا جي چهلم جي مناسبت سان اربعين واڪ، سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام

سکر (بيوروو رپورٽ) روهڙي ۾ شهيدن ڪربلا جي چهلم جي مناسبت سان اربعينَ واڪ (مشي) منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان هزارين عزادارن جا قافلا وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا. قافلن ۾ مردن سان گڏ بزرگ، ٻار ۽ عورتون پڻ شامل هيون. روهڙي جي ڪربلا ميدان ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين: چهلم حضرت امام حسين عليه السلام جي موقعي تي نڪتل جلوس جو ڏيک

اڳهم ڪوٽ ۾ شهداءِ ڪربلا جي چاليهي تي يا حسين عه جي صدائون بلند

بي بي ماهر سلام الله عليها جي مزار تي ملڪ جي مختلف علائقن مان پيادل ۽ گاڏين ذريعي زائرين جا قافلا پهتا

مجلسون، نوحه خواني، سينه ڪوبي ۽ زنجيرن تي ماتم ۽ زائرين ڪاميٽي پاران سبيلون ۽ نياز جو انتظام

گلاب لغاري (ن ع) حضرت امام حسين عليه وسلام ۽ شهداءِ ڪربلا جي چاليهي جي موقعي تي يا حسين يا حسين جي بلند آواز صدائن ۾ گلاب لغاري پرسان سان سنڌ جي تاريخي ماڳ اڳهم ڪوٽ ۾ بي بي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ اصغريه علم و عمل تحريڪ پاران 10 ڪلوميٽر ڊگهي پيادل مشي

دادواهه اسٽاپ کان سيد ماجد شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي سرفراز چوڪ پهتي

ريلي ڪڍڻ جو مقصد حضرت امام حسين عه جي عظيم قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع)چهلم حضرت امام حسين عليه السلام جي موقعي تي سڪرنڊ ۾ اصغريه علم و عمل تحريڪ پاران دادواهه اسٽاپ کان 10 ڪلوميٽر ڊگهي پيادل مشي ريلي سيد ماجد شاهه سيد منظور حسين بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي مارڪيٽن ۾ 5 هزار رپين جا جعلي نوٽ گردش ڪرڻ جون خبرون، واپارين ۾ ڳڻتي

اليڪٽرانڪس مارڪيٽ ۾ جعلي نوٽن جي ڊي وٽ جا ڪيترائي واقعا، واپارين ۾ خوف پکڙجي ويو

ڪراچي اليڪٽرانڪس ڊيلرز ايسوسيئيشن شهرين ۽ واپارين کي نوٽن جي تصديق بعد قبول ڪرڻ جي اپيل ڪئي

ڪراچي (بيوروو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف مارڪيٽن ۾ 5 هزار رپين جا جعلي نوٽ گردش ڪرڻ جون خبرون سامهون اچڻ ڪانپوءِ واپاري برادري ۽ شهرين ۾ ڳڻتي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مورو: پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل ڦورو

ٽنڊوڄام لڳ زمين جي تڪرار تان ڇڪتاڻ، پوليس ۽ معززين جي مداخلت بعد عارضي ڏاهه

مراد جمالي، مور جمالي ۽ شمس جمالي ڳوٺن ۾ هٿيارٻندن جي گهيري خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

زميندار عاشق جمالي تي ٺمضي جا الزام، ڳوٺاڻن خونريزي جي خدشي سبب تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام لڳ ڳوٺ مراد جمالي ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان هڪ ڀيرو ٻيهر ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، جڏهن ته پوليس ۽ علائقي جي معززين جي مداخلت بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ عارضي ڏاهه ٿي وئي جنهن سان علائقي ۾ پيدا ٿيل ٽڪراءُ صورتحال عارضي طور ٿي ڪري وئي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن سان پوليس اهلڪار ڳالهائي رهيا آهن

پشاور: جشن آزادي جي موقعي تي هڪ نوجوان جهنڊين جو اسٽال لڳائي رهيو آهي

بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڪمند جي فصل مان تشدد ٿيل لاش هٿ

45 ورهين جي نور محمد سومرو جو لاش ڳوٺاڻن ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو

پوليس پهچي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جسم تي تشدد جا نشان

امن پسند شخص هو ڪنهن سان دشمني نه هئي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي: وارث

بلڙي شاهه ڪريم (ٽ ر) جنهان سومرو ڳوٺ پرسان 45 ورهين جي نور محمد سومرو جو تشدد سبب چچريل حالت ۾ لاش ڪمند جي فصل مان هٿ. مقتول نور محمد سومرو مرحوم سيٺ عالم سومرو جو پٽ، رات گهر مان نڪتو هو صبح سندس لاش مليو ڳوٺاڻن اڳوڻي ايم پي اي مرحوم عبدالخالق سومرو جي ڪمند جي فصل مان لاش ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو بلڙي شاهه ڪريم پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ٽنڊو محمد خان بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

راڏڻ واسي 26 ورهين جي نوجوان جو دادو ڪئنال مان لاش هٿ

ڳوٺ مسو ساهڙ پرسان ڳوٺاڻن لاش ڏسي وارثن کي اطلاع ڪيو

نوجوان حاڪم علي زرداري گذريل ڏينهن کان گم هو ڪنهن سان دشمني ناهي: وارث

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ پرسان راڏڻ واسي 26 ساله نوجوان حاڪم علي زرداري جو ڳوٺ مسو ساهڙ کان دادو ڪئنال سوري مان لاش هٿ، جڏهن ته نوجوان جو لاش ڳوٺاڻن لڙهندي ڏسي وارثن کي اطلاع ڪيو وارث پهچي لاش جي سڃاڻپ ڪئي. جڏهن ته نوجوان جو لاش ملڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو علائقي ۾ خوف وارو ماحول پيدا ٿي ويو ان موقعي تي وارثن ٻڌايو نوجوان گذريل ڏينهن کان گم هو اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دوڙ ويجهو تيز رفتار وين جي ٽڪر ۾ معصوم نينگري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ حاجي ملو خان زرداري وٽ حادثي ۾ 10 ورهين جي ٻارڙي فوت ٿي وئي

نينگري جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

دوڙ (ن ع) دوڙ مهراڻ هاءِ وي تي ٻڇيري لڳ ڳوٺ حاجي ملو خان زرداري وٽ اڄ صبح جو هڪ نهايت افسوس ناڪ حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن دوڙ کان هرسال جيان هن سال به چهلم جي سلسلي ۾ اربعين سون جي تعداد ۾ مومنين جوهڪ پيادل قافلو نواب شاهه جلوس ۾شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هيوجنهن ۾ مرد عورتون ۽انهن ۾ ٻار به شامل هئاجلوس ۾شرڪت لاءِ ويندڙ هڪ ڏهن سالن جي ٻارڙيءَ کي روڊ تي هلندڙ تيز رفتار وين جي ٽڪر لڳڻ سان معصوم بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: چهلم حضرت امام حسين عليه السلام جي موقعي تي جلوس ڪڍيو پيو وڃي

پنوعاقل ويجهو جتوئي ۽ مهيسر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 12 ڄڻا زخمي

ڳوٺ عالم جتوئي واسي ڌرين ۾ چوپائي مال ٻهارڻ تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي امان، سجاد، سليم، شفقت جتوئي، فرمان، زبير مهيسر ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل(ن ع) ڳوٺ عالم جتوئي ۾ جتوئي ۽ مهيسر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ چوپائي مال جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو واقعي ۾ جتوئي ڌر جا امان جتوئي سجاد جتوئي سليم جتوئي ۽ شفقت جتوئي جڏهن ته مهيسر ڌر جا فرمان مهيسر زبير مهيسر معراج مهيسر غلام مصطفيٰ مهيسر غلام فريد، غفان الهوسايو ۽ عادل مهيسر زخمي ٿي پيا

راڌڻيور: مقامي موٽرسائيڪل ڪمپني پاران ڪرايل پروگرام ۾ ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

راڏڻ ۾ سولنگي ۽ بروهي تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ منٿ ميڙ قافلو

ڪچڻ جي قتل بعد امن لاءِ اڳواڻن ڳوٺ دلاور سولنگي پهچي سولنگي ڌر سان ڳالهيون ڪيون

سولنگي ڌر پاران بروهي ڌر کي فصل وڃ وارن معرفت ڪٽڻ ۽ بند واٽر ڪورس کولڻ جو مطالبو

راجوڻي نمبيرو ڪرائي علائقي ۾ امن بحال ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن: اڳواڻ

راڏڻ (ن ع) سولنگي ۽ بروهي تڪرار جنهن ۾ پنج ڄڻا مارجي چڪا آهن خون ريزي روڪڻ لاءِ وڏيڪ منٿ ميڙ قافلو سولنگي ڌر ڏانهن ڳوٺ دلاور سولنگي پ پ اڳواڻ محمد اشرف سولنگي جي سان ڪري راڏڻ ڪائون جو چيئرمين غلام دستگير ڳوڙ پ پ يوٿ ضلع دادو جو صدر غلام مرتضيٰ ڳوڙڙ، سڪندر علي جوڻيجو پير بجل الدين سرهندي، آصف حسين آرائين، محمد بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ هالاڻي جي صحافي خليل اعوان تي ٿيل قاتلاڻي حملي خلاف احتجاج

قلم ڏٺين محمد يونس راڄپر، فقير علي نواز سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافي خليل اعوان حملو ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(ڊ ر)هالاڻي جي صحافي خليل اعوان تي ٿيل قاتلاڻي حملي خلاف پريس ڪلب نوشهرو فيروز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين حملي ۾ ملوث وڏيري معروف هاليپوٽو خلاف زوردار نعرا هنيا ۽ سندس گرفتاري جو مطالبو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي پريس ڪلب نوشهرو فيروز جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ چهلمِ شهداءِ ڪربلا مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

امام بارگاهه ڪاشانيه زينبيه مان مرڪزي جلوس برآمد، مختلف علائقن مان پيادل قافلا شامل

ضلعي ۾ 15 ماتمي جلوس ۽ 13 مجلسون، سبيلن، لنگر، نياز ۽ ميڊيڪل ڪيمپن جو اهتمام

فول پروف سيڪيورٽي هيٺ جلوس اختتام پذير، ملڪ جي امن، استحڪام ۽ امتِ مسلم جي اتحاد لاءِ دعائون

بدين (ڊ ر) بدين ۾ چهلم شهداءِ ڪربلا مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو مرڪزي ماتمي جلوس پُرامن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ نواسه رسول ﷺ امام حسين عليه السلام ۽ سندس جانثارن جو چاليهو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مورو(ن ع) مورو ۾ نواسه رسول ﷺ امام حسين عليه السلام ۽ سندس جانثارن جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سکر: نارڪوٽيڪس پاران ڪيل ڪاروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ آيل منشيات

مورو پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو پوليس جو ڦورون سان مبينا مقابلو هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار جنهن کي تعلقه اسپتال مورو آندو ويو جتي طبي امداد ڏني وئي ڦورو وٽان پوليس پاران هٿيار برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي مبينا پوليس مقابلي ۾ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڄام نوازعلي ۾ حضرت امام حسين عه ۽ سندس جانثارن جو چاليهو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ڄام نوازعلي(ن ع) ڄام نوازعلي ۾ ماتمي جلوس ڄام سبط علي امام بارگاهه مان خادم مري ۽ ڄام عنايت علي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس برآمد ڪيو جيڪو مختلف امام بارگاهن کان ٿيندي مين روڊ تي پهتو جتي سوين عزادرن سينا زني جو ماتم ڪري بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ چهلمِ شهداءِ ڪربلا وڏي عقيدت سان ملهايو ويو، 35 ماتمي جلوس برآمد

شهر جي مختلف هنڌن تي 15 مجلسون، مرڪزي امام بارگاهه مان مرڪزي جلوس برآمد ٿيو

عزادارن نوحه خواني ۽ ماتمداري ذريعي حضرت امام حسينؑ ۽ شهداءِ ڪربلا کي پرسا پيش ڪئي

سيڪيورٽي جا سخت انتظام، داخلي ۽ خارجي رستا سيل، سي سي ٽي وي ذريعي جلوسن جي نگراني

جيڪب آباد (ڊ ر) ڪربلا جي شهيدن حضرت امام حسين رضہ ۽ سندس ساٿين جي شهادت جو چاليهو جيڪب آباد ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جيڪب آباد جي مختلف هنڌن تي 15 مجلسون بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو قيصر صحت مرڪز ۾ ايمبولينس نه ملڻ سبب زخمي ٻار تڙپي تڙپي فوت، احتجاج

ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل 4 ورهين جو فهد حيدرآباد اسپتال منتقل نه ٿيڻ سبب دم ڏنو

ايمبولينس ڊرائيور ڊيوٽي تي موجود نه هو، بروقت علاج نه ملڻ سبب ٻار فوت ٿيو: وارث

علائقي واسين پاران ايمرجنسي سهولتن جي کوٽ تي ڪاوڙ، ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊو قيصر صحت مرڪز ۾ ايمبولينس ڊرائيور جي عدم موجودگي سبب زخمي معصوم ٻار بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل نوجوان لاڙڪاڻي اسپتال ۾ فوت

ڳوٺ رمضانپور ۾ راهوجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران نياز حسين راهوجو زخمي ٿيو هو

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو، ايس ايس پي نوٽيس وٺي انصاف ڪري: وارث

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي مولاداد ٿاڻي جي حد ڳوٺ رمضان پور ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ راهوجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران زخمي ٿيل نوجوان نياز حسين پٽ حضور بخش راهوجو لاڙڪاڻي جي نجي اسپتال ۾ زخمن جي سٽ نه سهنديي علاج دوران دم ڏئي ڇڏيو مقتول جو مڙهه ايمبولينس ذريعي لاڙڪاڻو کان جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

نامعلوم چور هول سيل ايجنسي جا تالا ٽوڙي لکين روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان کڻي فرار

ماتلي (ن ع) نامعلوم چور ماتلي جي ظهير ڪالوني ۾ مزمل ڪمبوهه جي هول سيل ايجنسي جا تالا ٽوڙي ايجنسي مان لکين روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

راڄي پور: چهلم جي مناسبت سان ماتمي جلوس ڪڍيو پيو وڃي

ڪراچي: چهلم جو مرڪزي جلوس شاهراهِ قائدين تان گذري رهيو آهي

ٽنڊوآدم لڳ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب نوجوان ناري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ الياس پرهياڙ ۾ پيش آيل حادثي ۾ 22 ورهين جي خالده پرهياڙ فوت ٿي وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ الياس پرهياڙ ۾ گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن جي نتيجي 22 سالا نوجوان ناري خالده ڌيءُ نبي بخش پرهياڙ ملبي هيٺيان دبجي فوت ٿي وئي نوجوان ناري جي فوت ٿيڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو واضح رهي ته تيز طوفاني هوائن ۽ برسات سبب ڇت ڪمزور ٿيڻ ڪري اهو افسوسناڪ واقعو پيش آيو

ڄام نوازعلي پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ ڪاڌي پيتي ۾ ناقص سامان استعمال جو انڪشاف

آر ٽي سي ۾ مردا مرغي جي ۽ ميس ۾ مبينا لکين رپين جي ڪرپشن جو ڊي آئي جي نوٽيس ورتو

ڊي آئي جي ٽريننگ فيض الله ڪريجو ميس انچارج ڪاشف مرزا معطل ڪري جاچ جو حڪم ڏنو

ڄام نوازعلي (ن ع) ڄام نوازعلي پوليس ٽريننگ سينٽر آر ٽي سي ۾ پوليس اهلڪارن جي ڪاڌي پيتي ۾ ناقص سامان استعمال ڪرڻ مردا مرغي جي انڪشاف ۽ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت غيرقانوني جرڳو ڪندڙ جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ سوراهه ٿاڻي تي داخل ايف آءِ آر غير قانوني جرڳي جي ڪيس ۾ نامزد بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو عورت ريل گاڏي مان ڪري فوت ٿي وئي

ريلوي ٽريڪ تي لاش جي اطلاع تي پوليس ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش جي سڃاڻپ مسمات ماهه نور ولد محمد اڪبر ٿي، وارثن کي اطلاع

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ ريلوي ٽريڪ تان هڪ مسافر عورت جو لاش هٿ مسافر عورت جي سڃاڻپ مسمات ماهه نور جي نالي سان ٿي آهي تفصيل موجب، خيرپور ۾ سينٽرل جيل پرسان ريلوي ٽريڪ تي هڪ عورت جو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ۾ معذور جو اعلان ڪيل الائونس نه ملڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)سنڌ حڪومت پاران معذور سرڪاري ملازمن لاءِ اعلان ڪيل بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو مان موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ ڄاڻي چور سوگهو پوليس حوالي

گوبي چند محلي واسين چور نديم اوڏ کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو جي گوبي چند محلي مان ڪپيل بجاج جي موٽر سائيڪل چوري ڪرڻ دوران شهرين بهادري جو مقابلو ڪندي نالي واري ڄاڻي چور نديم اوڏ کي سوگهو ڪري ميرپور ماٿيلو پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ شهرين جو چوڻ هو ته هي هڪ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چهلم امام حسين جو مرڪزي جلوس پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي ٻي طرف ايس ايس پي مانيٽرنگ ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ شهداءِ ڪربلا جي چهلم، 50 کان وڌيڪ ماتمي جلوس برآمد، سيڪيورٽي انتظام سخت

مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري سميت مختلف امام بارگاهن مان علم ۽ ذوالجناح جا جلوس برآمد ٿيا

ڇتري چوڪ تي ممتاز ذاڪرن ۽ عالمن حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت بابت خطاب ڪيا

جلوس قديمي ڪربلا نيشنل هاءِ وي کان ٿيندو ڪربلا انجمن حيدري تي اختتام پذير ٿيو

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي موقعي تي مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري سميت شهر جي مختلف علائقن مان 50 کان وڌيڪ ماتمي جلوس ڪڍيا ويا. شهر ۾ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپورميرس عمر فاروق بلو ريجنل محتسب جي عهدي جو چارج وٺي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

خيرپور(ڊ ر)خيرپورميرس: محمد عمر فاروق بلو ريجنل محتسب خيرپورميرس جي عهدي جو باقاعده چارج سنڀالي ورتو چارج سنڀالڻ کان پوءِ هن ريجنل محتسب آفيس خيرپورميرس جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ آفيسرن ۽ عملي کي هدايت بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پرياسي ۾ ڳوٺاڻن جو باڻرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ گلاب خان لاڪو واسين مينهون خان، سعيد خان لاڪو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

برادري جي باڻر ڏوهاري قسم جي ماڻهن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي انصاف ڪيو وڃي

پرياسي (ن ع) پرياورڊ پرسان نصرت ڪينال جي ڪپ تي ڳوٺ گلاب خان لاڪو جي رهواسي ڳوٺاڻن گلاب خان لاڪو مينهون خان لاڪو ،سعيد خان لاڪو،جمعو خان لاڪو پاران باڻر ڏوهاري قسم جي ماڻهن خدابخش لاڪو نظير لاڪو ڪريم بخش لاڪو سيفل لاڪو ۽ ٻين جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڄاڻايل ماڻهو ڏوهاري قسم جا ماڻهو آهن. جڏهن ته ڏاڙو حيدرآباد ۾ پوليس مقابلي ۾ نصير لاڪو مارجي ويو هو هي ڏوهاري قسم جا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پرياسي: ڳوٺاڻا باڻرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نصيرآباد ۾ حضرت امام حسينؑ ۽ ٻين شهيدن جو چاليهو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

نصيرآباد: (ن ع) حضرت امام حسينؑ ۽ ڪربلا جي ٻين شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي نصيرآباد ۾ عزاداري جو مرڪزي جلوس وڏي عقيدت ۽ احترام سان برآمد ڪيو ويو جلوس امام بارگاهه عزاخانه لغاري محلا مان نڪتو جيڪو پنهنجي مقرر رستن تان گذرندو ابو تراب چونڪ پهتو جتي مجلس عزا منعقد ڪئي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران هٿيارن سان گڏ پڪڙيل جوابدار کي مبينا ڏيتي ليتي بعد آزاد ڪري ڇڏيو

آباد ٿاڻي جي پوليس ايئرپورٽ پورٽ روڊ ٻن چڻن کي بغير لائسنس واري پستول گولين سميت گرفتار ڪيو

پوليس ڳري رشوت وٺڻ بعد هڪ جوابدار کي ڇڏي ڏنو، عبدالشڪور شيخ تي ڪيس داخل ڪيو

سکر(بيوروو رپورٽ) سکر پوليس غير قانوني هٿيار پستول ۽ موٽر سائيڪل سميت ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري هڪ ظاهر ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو رپورٽ موجب، آباد ٿاڻي جي پوليس سکر جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.